# پن ڇڻ پڄاڻان



شيخ اياز

# پن ڇڻ پڇاڻان

(شاعري)

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ
1998ع

نيوفيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻہ سؤ چوڏهن

چپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي.

پهريون ايڊيشن — جنوري 1985ع

ٻيو ايڊيشن — فيبروري 1998ع

قيمت — -/100 رپيا

پڪي جلد سان — -/125 رپيا



(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


---


PANN CHHANN PUJANA (Poetry) By SHAIKH AYAZ.
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition January 1985. Second Edition February 1998. Price Per Copy Rs. 100/-
Book No. 214


---


هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن سمبارا پبليڪيشنس طرفان ١٩٨٥ع ۾ ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

پهرين ايڊيشن لاءِ

# پيش لفظ

سال ۱۹۸۴ع شايد، سنڌي ادب ۽ خود شيخ اياز لاءِ، انتهائي اهميت لائق آهي، جو فقط اِن هڪ سال اندر سنڌ جي هن شاعر، پنج ڪتاب لکي پورا ڪيا آهن. جن مان هي ٽيون ڪتاب، سنڌ اڳيان پيش ٿي رهيو آهي. شايد وائيس چانسلر واري دؤر (۱۹۷۶ع کان۱۹۷۹ع) جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ، هن جي قلم ۾ تيزي آئي آهي يا لهندڙ سج جي احساس سبب، هن دنوٽيءَ کي وڌيڪ ڏنويو آهي يا اجا ئي رتو بنهه پڇي راس ٿي پيو آهي. بهرحال، ڇا به هجي، هي شخص بنا ڪجهه وڻڻ جي، سنڌ کي، سنڌي ادب کي، گهڻو ڪي ڏئي رهيو آهي - نئين سوچ، نئون انداز، نئين وات، نئين لاٽ - جا آزاديءَ جي احساس تي ڪُٺي ٿي.

هن شخص، پنهنجي پوڙهپ مان ۷۶- ۱۹۷۹ع دوران، ڪجهه وڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس هٿ ڦٽجي پيا، دل ڏارهڻي ويس ۽ هانءَ هجي اُٿيس - جڻ ته هاٿيءَ جي پيرن هيٺان آيو هجي. دل جو دورو پيس - اسپتال داخل ٿيو. بهرحال، اهي زخم هو اجا ته چُٽائي سگهيو آهي.

اسان وٽ، سنڌ ۾، ماڻهوءَ جي ذات ڦاهيءَ جي ڦندي سان مايي ويندي آهي يا ان کي گهاڻي مان گذرڻو پوندو آهي. هي ذات جو ڏيهه، جڏهن راضي ٿئي ۽ جنهن کي به پنهنجو ڪري تهان پوءِ محبت ۽ مانَ جا پاٽَ پري ڏيندو آهي. اياز لاءِ اجا ڪئين آزمائشون رکيون آهن. پر ايترو يقين آهي ته هن شاعر جي لاٽي سجائي ٿيندي.

زير نظر ڪتاب ۾، ته - سٽن تي ٻڌل "هائيڪا" ڏنل آهن. سنڌي شاعريءَ جي صنف ۾، هي هڪ نئون ۽ قابلِ تحسين واڌارو آهي. اهي ته - سٽا، ڪٿي مڪمل نظم ته ڪٿي وائيءَ جو تاثر ڏين ٿا. هر ته - سٽي ۾، بيت جي ڏيڍ سٽ جيترين ماترائون ڪم آندل آهن. اسان بيحد خوشي ۽ فخر سان سنڌي شاعريءَ جو سجايل هي نئون گلدستو، سنڌ آڏو پيش ڪيون ٿا. شل سنڌ، هنجي سرهاڻ سان سدائين سرهي ۽ ستابي رهي.

— ناشر

# پسل نامو

| صفحو | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- |
| ۴ | سنڌ، سنگل ٽانگ | سنڌ سنگل ڦانگ |
| ۱۲ | هوريو | هورهيو |
| ۱۳ | آئهو آن مهل | آئهو آن سنهل |
| ۱۸ | ڳاتيءَ ڳاڙها ڳلڙا! | ڳاڳيءَ ڳاڙها ڳلڙا! |
| ۲۲ | پون ماسيءَ جان | پورن ماسيءَ جان |
| ۲۴ | ڏاڙهون ڳاڙها ڳل | ڏاڙهونءَ ڳاڙها ڳل |
| ۳۱ | ڳاڳيتن مٿي ڳاٽ | ڳاڳين مٿي ڳاٽ |
| ۳۳ | اورانگهي آيو | اورانگهي آپو |
| ۴۲ | ڍورن ڇڙ ريڍار | رڍون ڇڙ ريڍار |
| ۴۶ | اڳڻ اسان جن آهه! | اڳڻ اسان جي آهه! |
| ۵۲ | آهه وري لبنو آهه! | آهه وري لٽنو آهه! |
| ۵۴ | نوٽ: صفحي ۵۴ ۽ ۵۵ تي هڪ ئي نظم آهي ۽ چارئي ٽڪ-سٽا آن نظم جا بند آهن. | |
| ۵۶ | نوٽ: صفحي ۵۶ ۽ ۵۷ تي هڪ ئي نظم آهي ۽ پنج ئي ٽڪ-سٽا آن نظم جا بند آهن. | |

| صفحو | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- |
| ٦٠ | جيئن چنمي ماتلي | جهئين چنمي ماتلي |
| ٦٤ | پيل ٻوتر وَنَ | پيل ٻوتر وَنَ |
| ٦٨ | اڄ نہ ڪرهل ڪنڪو | اڄ نہ ڪرهل ڪنڪيو |
| ٧٠ | اڄ سونيون سنگهرون | اڄ بہ سونيون سنگهرون |
| ٧١ | آمي آفق آڪ ۾ | آهي آفق آڪ ۾ |
| ٩٤ | سرهہ سياپي | سَرهہ سَراپي |
| ٩٦ | ساري هن جي سڪ | ساري هُن جي سِڪَ |
| ٩٦ | ناتر نامڪني | ناتر نامڪني |
| ٩٩ | ڪيون روئن رات جو | اڪيون روئن رات جو |
| ١١٨ | روهہ نہ منهنجي رٿ تي | روهہ نہ منهنجي رت تي |
| ١٢٢ | پوٽيون پچايءِ | ڀُوٽيون پيچايءِ |
| ١٢٣ | پنهنجن جون پرڪون لهي | پنهنجن جون پرڪون لهي |
| ١٣٩ | وٺي ناري تس | وٺي ناري تسُ |
| ١٤٤ | چڏ ڪي چيڪ چمر | چڏ ڪي چيڪُ چمر |
| ١٤٥ | نوٽ: هن صفحي جو ٻهريون بند آخر ۾ پڙهيو وڃي. | |
| ١٥٧ | واچار وهنجهار | واچارا وينجهار |
| ” | هيئن وجهو هار | هيئين وجهو هارَ |
| ١٧٨ | هي ڪاٿونبا ڪپن | هي ڪاٿونبا ڪيپن |
| ١٨٧ | ڪيئن ڏڪين وڏت | ڪيئن ڏڪيندو ڏٿُ |
| ١٩٥ | هو جي تارن چانوَ ۾ | هو جي تارن چانوَ ۾ |

| صفحو | غلط | صحيح |
|---|---|---|
| ١٩٧ | نوٽ: ”سَپني ۽ ساروُن“ نظم صفحي ١٩٧ تي شروع ٿئي ٿو ۽ صفحي ٢٠٢ تي پورو ٿئي ٿو. وچ ۾ صفحي ١٩٩ تي غلطيءَ سبب خالي جڳهه ڇڏيل آهي. | |
| ٢٠٢ | نيٽين ميران نيرو | نيٽين ميران نيرُ |
| ” | سَپني سنگ ڪبيرو | سَپني سنگ ڪبيرُ |
| ٢١٦ | هاڻ ڪنهن ڪي ڪاڻ! | هاڻي ڪنهن ڪي ڪاڻ ! |
| ٢٢٧ | ڪتت پروڙ ئيءَ ڪَند جي | ڪتت پروڙيءَ ڪَند جي |
| ٢٣٤ | واري، ٿي واري، | واري ٿي واري |
| ٢٣٨ | نوٽ: صفحي ٢٣٨ ۽ ٢٣٩ تي ساڳيو نظم ”وُنا مينهن ملير تي“ آهي. | |

پٺين ايڊيشن لاءِ

# پن ڇڻ پڇاڻان

(مصنف جو مهاڳ)

برصغير ۾ خصوصاً ۽ دنيا ۾ عموماً شاعر جا هر عصر گهٽ ڪري هن جا حاسد ۽ بدخواهه رهيا آهن. غالب کي ايترو تنگ ڪيو ويو هو جو هن مجبوراً لکيو هو:

"تو اي ڪه محوِ سخن گسترانِ پيشين
مباش منڪرِ غالبَ ڪه در زمانِ تُست"

(ترجمو: تون جو اڳين شاعرن ۾ محو آهين. غالب کان اِن ڪري منڪر نه ٿيءُ جو تنهنجي دؤر جو شاعر آهي.)

مون به هڪ هنڌ لکيو آهي: "هر عصر جيستائين هر اثر نه آهي، تيستائين تنهنجو دشمن آهي" منهنجو هڪ نوجوان دوست، جو منهنجو همدرد ۽ خير خواهه آهي، ڪجهه وقت اڳ مون سان مليو هو ۽ مون کي چيو هئائين، "تنهنجا ڪي هائڪو به ترجمو آهن. مون هُن کي چيو هو ته ايئن ٿي سگهي ٿو. تون مهرباني ڪري مون کي اهي لکي موڪل ته مان وضاحت ڪري ڇڏيان" هو به ڪافي مصروف ماڻهو آهي ۽ مون سان ان موضوع تي اجا خط و ڪتابت نه ڪئي آٿائين. دراصل گهڻو مطالعو تحت الشعور ۾ ڇپي وڃي ٿو ۽ جڏهن شاعري ۾ اظهارجي ٿو ته پتو نه ٿو پوي ته اهو مصنف جو آهي يا ٻي ڪنهنجو شعر هن جي تحت الشعور ۾ تَري آيو آهي يا هُن اهو خيال نظمايو آهي جو هن ڪٿي پڙهيو آهي. مون کي اهڙا ڪيئي مثال آهن. گوئٽي جو مثال ته مون اڳي ئي ڪٿي ڏنو آهي. هيٺ غالب، پنائي ۽ ٻين جا مثال ٿو ڏيان. غالب جو هڪ نهايت خوبصورت شعر آهي:

بوئي گل، نالهء دل، دودِ چراغِ محفل
جو تري بزم سے نڪلا سو پريشان نڪلا

بيدل دهلوي جو هن کان ڪيترو وقت اڳي مري ويو هو. اُن جو فارسي شعر آهي:

بوئي دل، نالهء دل، دودِ چراغِ محفل
هرڪه از بزمِ تو برخاست پريشان برخاست

"گل اُس نگه کے زخم رسیدوں میں مل گیا
یہ بھی لھو لگاکے شھیدوں میں مل گیا"

غالب جو هڪ شعر آهي:

هم هیں مشتاق اور وہ بیزار
"یا الاهی یہ ماجرا کیا ہے".

ياس يگانہ جي شعر ۾ پوئين ساري سٽ اچي وئي آهي:

درد دل کی کوئی دوا نہ دُعا!
"یاَ الاھی یہ ماجرا کیا ہے"

جيتوڻيڪ ياس يگانہ غالب جو وڏو نقاد هو ۽ "غالب شڪن" نالي هڪ ڪتاب لکيو هيائين جو سندس ستياناسيءَ جو سبب بڻيو هيو.

"فکر معاش و عشقِ بتاں، یادِ رفتگاں"

واري اُردو سٽ ٽن مشهور شاعرن هينئنءَ ريت ڪم آندي آهي:

"فکر معاش و عشقِ بتاں، یاد رفتگاں
اس زندگي میں اب کوئی کیا کیاَ کیا کرے
(سودا)

"فکرِ معاش، عشقِ بُتاں، یاد رفتگاں"
اس مختصر سي عمر میں کیا کیا کرے کوئی
(اقبال)

"فکرِ معاش و عشقِ بتاں، یادِ رفتگاں"
ان مشکلوں سے عهدہ برائی نہ هوسکی
(تلوک چند مرحوم)

اصغر گونڊويءَ جو هڪ شعر آهي:

"ماورائے سخن بھی ہے اک بات"
بات یہ ہے کہ گفتگو نہ کرے

جگر، جو اصغر جو همعصر ۽ هو ۽ دوست ۽ هو، اُن پهرين سٽ هيئن ورجائي آهي:

اے کمالِ سخن کے دیوانے
"ماورائے سخن بھی ہے اک بات"

اقبال جو هڪ شعر آهي:

ترے عشق کي انتها چاهتا هوں
"مري سادگي ديکھ کيا چاهتا هوں"

ان تان 'حسرت موهانيءَ' جي شعر ۾ پوئين سِٽ اچي وئي آهي:

وفا تجھ سے اے بے وفا چاهتا هوں
"مری سادگی دیکھ کیا چاهتا هوں"

اهڙا ٻيا سوين مثال آهن جي اُردوءَ جي چوٽيءَ جي شاعرن ۾ ملن ٿا. ڇا اِن ڪري غالب، مير ۽ اقبال جي ساري شاعري مسترد ڪري ڇڏبي؟

مون بيدل دهلويءَ، غالب ۽ اقبال جو تقابلي مطالعو ڪيو هو ته هنن جي ڪيترن شعرن ۾ خيال ساڳيا ها. هن ڪتاب ۾ آندل هائڪو ٻه مون تڏهن لکيا ها جڏهن مان وائيس چانسلر هوس ۽ انتظامي امور جي ٻي انتها مصروفيت سبب، مون ۾ آمد جي ساڳي ڪيفيت نه رهي هئي جا اڳ هئي.

مان هڪ ٻي ڳالهه به چوڻ چاهيان ٿو. جيئن منهنجي غزل جو فارم فقط اُردو ۽ فارسيءَ تان ورتو ويو آهي باقي ان ۾ معاڪات، استعارا، تشبيهون، قافيا، رديفون وغيره نيٽ سنڌي آهن ۽ ڪجھ ابتدائي غزل ڇڏي، هر غزل تي منهنجي مهر لڳل آهي، ائين هر هائڪوءَ تي منهنجي مُهر لڳل آهي ۽ انهن جي ڪيفيت جپاني هائڪوءَ سان ورلي ملي ٿي. ٻين جا سنڌي هائڪو جپاني هائڪو جو پڙاڏو آهن. مون هر صنف ۾ اجنبيت جي عنصر کي رد ڪري، اُن کي نيٽ سنڌي بڻايو آهي. اها منهنجي خامي آهي يا خوبي آهي، ان جو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو.

حاصلِ مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن اوهان کي هائڪو جي خيال يا ٻوليءَ ۾ توارد نظر اچي، ته اها ڪوشش شعوري نه آهي، لاشعوري آهي. باقي حسد ڪي ته پيلون اکيون آهن، آهي 'اک جي نيرڙين ڦلڙين جي سونهن' ڇا سمجهي سگهنديون؟

**شيخ اياز**

۱۰-۱۲-۹۳ع

○

ميان ! مان ڇاڻان،

ڏيندو ڇا ڳُل مهر سان

ٻَن ڇُڙ پڇاڻان.

○

ائين نہ مرندي ڪُونجَ

جيسين ٻُورين روهہ ۾

آن جي ٻُوري ڳُونج.

○

رهجي ويٺي ٻَتِ،

هيل پيا جو مينهڙا

جُهڳيءَ ٽيري ڇَتِ.

○

ڇڻُ، ڇڻُ ڇيھي ڪي

مٽيءَ ھاڻــا پيرڙا!

ٽانگرِ ٽي نہ رکي!

○

جمڙاڻُ جو ٽَڙُ۔

ريون ٻاٽي ٻيئندي

ٻِرِ ٽي کھاڻو ٻَڙُ۔

○

مار نہ ٻاڻيينَ،

جنھن جي اکڙيــن ۾ ڇُلي

ٿو سارو ڪينجھَرُ!

ٻاڻيبرُ – ٻاڻيءَ جو ھڪ پکي

○

مٿان ڪنڊيءَ سِڱَ،
وِهي ٻڪي ٻولٽو
ڪانڊاري ٿو لِڱَ.

○

تتر ٻولن ٿا،
ڪي دروازا ڏُنڌ ۾
مون لئيءَ کولن ٿا.

○

آنڊ ڪيني ڪَکَ،
آڇا لؤٽا لونڊڙيءَ
آڳ، ٻُرائي لَکَ.

لوڙهو، لئي وڻ،
ٻنهي پاسي واهُ ۾
ڪيڏي ڪنگوءَ ڇڻَ!

ڪريو ڪکو ٻنُ
چرپر ناهي ڏنڍ ۾
سينوَرَ ساڳو وَنُ.

سرهُ، سُڪل ٽانگ،
ڪانگُ ڪُلهي تي سج جي
هرهر آڏرڻ سانگ.

ڪنگو – لئي جو گل
ٽانگ – شاخ، ٽاري

○

واهيري جي وڻَ،
سَرَ تي ڪَرهَلُ هيڪلو
اڳتي واريءَ ڍيرَ.

○

وَرَ وَرِ ڪنوڻَ وارَ
ڪاٿي ڪوڪ ڪُهنگ جي
سانت ڪئي سنسارَ.

○

آڌيءَ رات مٿان
چنڊ تہ بيٺو ڪونہ آ،
مان ئي بيٺو هان!

○

ٽون تہ آڇايلُ روحُ
ٽوکي ڪنن ٽاريان ميان،
مان جو ڪائڙَ کوهُ.

○

ڪوئي نانءُ نہ ولِ،
ٻوء بہ آن جا گُلڙا
پيارا پَلئُون پَلِ!

○

ٽو بہ سِنون جوڙيون
ٻر هي شفقَ واٽ تي
انبلکيون کھوڙيون!

○

ٽڙيءَ ڪِئي ڏڪ ڏڪ
جُڙ ڪي جهونجهاڙي وئي
ڪانَ ڪُٽي ٺڪ ٺڪ

○

هي جي واريءَ ڀيرون
کهڙي ڀڳيءَ ڀيرڙا
تن تي چٽيل ڀير؟

○

ٽارا ٽارا ٻُڪُ ۽
وجهي نيڻ نياڻ ۾
ڀيٽُرءِ ٻاليءَ ڏُڪ؟

○

سانت تہ چڱي هُونءَ،
ٻَر جي ڪٿي ٻولڙِي
آمي ڏارَ چَتونءَ !

○

آرِس موڙي آنگَ،
انگيءَ ٽاڪا ٽوڙيا۔
جوئَر ڪچا سَنگَ!

○

ناوَ جهليندي گهاٽَ،
ٻُڪيون ٻانهيارُين جون
جوڙُين جا ڇٽِچاٽَ!

ٽو جو ڏٺو ڏيلَ
کَهيون ڪولي ڪَنجري.
آڏريا ابابيلَ !

مَٽيڻو هاڪاريو،
لاڪي جاڃيءَ سمنڊ ۾
سِڙهه تان نهاريو.

جهاڳي جُهڙَ جي جهاڳَ.
سُورج مکيءَ سِج کان
وَٺي ڪِرڻن واڳَ.

مَٽيڻو — ٻيڙي
لاڪو جاڃي — سمنڊ جو ٻڪي

○

مونِ پاتيو ماڻو،
سورجُ مُکي سَجَ سان
آلَهي آجهاڻو.

○

ڇا ڪا تو کِي ڪَرَ؟
ڇِهڪيون جن تي ٻرپُليون
هاڻ ٻُهاري سَـــرَ!

○

سِٽُون هيٺ مٿي،
مان پيتَلُ، جنن آڙيون
آڏرن ســـجَ لٿي!

چا تو سمجھيو تَنِ؟
هي جي ڪوڪي ڪويتليون
وَيڻُ وايوُن ڪَنِ!

تنهنجو چُپِ اچڻُ،
ڪوئي گُلُ گُلاب جو
چَڻِي هيو جڻُ!

سانجهي، نديءَ نيرُ،
جنهن جي ڇاتيءَ ۾ ڪُتل
هيڙيءَ ٽڪو ٽِيرُ.

○

چنڊ گهٽائن مان
اٿين لڳوٽي راتِ، جئن
ڪاتر ڪولهيءَ سان!

○

هوريو ٻولي،
پاڻياريءَ جي پريت ۾،
مون کي رڻ رولي.

○

مون مَنُ مروڙي
پريان ٻَڌي مينگهواڙ
مريڙو ٽَوڙي.

ڪاتر – ڍر ۾ ڪولهي ڪاتر مان سنهي، لوڪڙ وغيره جو شڪار ڪندا آهن.
هوريو – ڍر جو هڪ پکي

○

لِڪي ڪينَ لِڪيون

پياري تنهنجون ڳالهڙيون

جهڙيون مورَ ٽِڪيون!

○

تنهنجيءَ ٽاٽ ٽنوارِ

ڪارا ڪڪر آيَ

هيٺان پٽ - ڪنوارِ.

○

پيارا پرهه ڀل

ٽوٽي ڳولن ڏٽ ڪي

آئيو آن مهل!

پٽ ڪنوار - ٽر جو هڪ گاهه

○

ڇا ڇا اکين ڏٺو!
ٽريچاڻي ٽانهرِي،
آن وِهاڻي ڇـو!

○

مٿان گهاٽو جهڙُ
هيٺان ليڪر ننڍڙو
ڪائي ڇانهنِ ڪُڙُ.

○

هيءُ سياڪو پلُ،
ٽِڙيو جنهن ۾ اوچتو
منهنجو ڪنت ـ ڪنولُ!

ٽريچاڻي – ٽريچاڻيون آر تي وهاڻي جون ڇٻون ٽاهينديون آهن.
ڇانهن – ٽر ۾ ڇانهن جي ٻاٽيءَ کي آکاري، گهاٽو ڪري، ڳڙ ڪائيندا آهن.

○

ٻاٽي، ٻتيلو،
آڏريا ٻکي مُند جا،
ٻه طرفو ٻيلو.

○

اڄ نه ٻوليون ٻانت،
هڪڙو ٻکي ٻَل ٽي،
ٻه چوڏاري سانتِ.

○

وِرندا واهُوندا،
ٻُسيءَ ڳاڙها ڳلڙا
ٻُڇُ نه چا هوندا!

ٻل – آلو کان پوءِ جا زمين دڙياهه ۾ ٻيٽ وانگر ظاهر ٿئي،
تنهن کي ٻتل ڇيو ويندو آهي.
واهوندا – واهوندا وِرندا آهن ته ڪڙڻ ۾ ٻسي ٿيندي آهي.

○

ڪنهن کي ناهي ڪَر
نينگرِ ٻر جي تون آڇين
مون وٽ ٻڪين ٻر!

○

کِڙڪيءَ جو ڪانچو
جنهن مان ڪڪر آڀ جي
مون کي ٿي جانچو!

○

ها، هو سج چڙهي
اونهارو هيري ڪٽيون
گهوڙا هاريءَ تي!

○

ٿڪجي، بيٺي نيٺ،

سِرَ تي جهلي ٻيلهڙو

ڪاري ڪبڙ هيٺ.

○

وڏي آسُرَ جَنَدُ -

جيجل تو جاڳائيو

سارو مانديءَ مَندُ!

○

آپ ۾ سمائو -

ٽاري لڏندي ٿي رهي

پنڇي آڏائو.

ٻيلهڙو - هڪ ٻئي مٿان رکيل ٻه گهڙا.

○

ڪوهيڙي ڪهنبو،
ڳاڙهي ٻڪيءَ ڇُهنب سان
ڳائيندي ٽوپيو.

○

او روهڙا ڪي ڇو نہ
آهي هيڏيءَ وِلهہ ۾
تو آڪيري اونَ!

○

لوڏيا لُوهہَ ٻرپان
ڳاتيءَ ڳاڙها ڳُلڙا!
ٻَرَ ڇِپ مٽان!

○

چوريـون اجايو
ٻوڙي مرندا مرگهڙا!
ميندي نہ لايو!

○

مٿو پريـل ميٽ،
ڦول سريکي سندري -
سورج مکيءَ پيٽ.

○

سانوڻ، سرنهن چٽ.
اُرهہ سُرنگا سُپريـن
کڙيا مٿي کٽ.

سنڌوءَ ۾ اشنان
لاريءَ اُرهَ نِيرَ ۾،
چوڏينهن ءَ چندر مان،

چوڏينهن ءَ چندرمان
سنڌوءَ منجهه سمائِيو
سُتَين جو استان.

ڪٿي آن پيارا
آڏر لڳي آڪرو
ٻون ٽا پارا!

○

ياد پئي آيون،
هوُ جي قُلن ٽارڙيون
ڳکين نِوايون.

○

ٽو جو کَر موڙيا،
اُرهَه اُديڙي کنجرو
ٽاڪا سي ٽوڙيا.

○

سَرتِي سونَ وني،
ڦلئُه هٽي ويو ڀيٽ ٽان
ڪدي سِجَ کَني!

ٻوکو - کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڏول.

○

کنهن جي ٽوڪي ۾
اُن جُن تارا کوه مان
نينگرِ ٻوکي ۾.

○

جيڪر آءٌ لِکان -
چار ئي ڏَسيون ڦهليون
ٻون ماسيءَ جان.

○

ٻهرِين مينهَن ڇُميون،
ءِ ٻو سانوڻ اُسَ ۾
ٽوٽي ڏينهَن ڇُميون!

○

جھڙُ ڦُڙُ ۾ جھمڪن
هُو جي ڪَنن ڪيوٽيون
وِچ جيبان چمڪن ۔

○

ڦٽيءَ ڪاري ڦڻءِ
ڇوڙيليءَ چوٽو پنل
سُڳَنڌي پَڻ ڇڻ ۔

○

ڇاڪان ڳَهر - ڳهورِي
ڦرندي لڳِي ڦُٽڙِي
وَوُٺن ۾ ڇورِي ؟

○

ساروُ ڏينهن ڇمَر!
ڇيلا اڄُ ڇُڙي ويا
ڦوڳن پاسي ڦَر،

○

ڪامڻ کهڙي ڪُلَ ؟
ڇپَ پرينءَ جا ڇيروان
ڏاڙهون ڳاڙها ڳُلَ!

○

لهريون لهريون لوڏَ،
اوڏڻ! تُنهنجي ڪنجري
هيٺان مٿان ڪوڏَ!

○

ساڳي هيڄ نہ هيل،
ٻکي ڪالھہ آڏامند!
ڇُنيا اڪِ ڳُليسل ۔

○

اڄ، اڄ چانئيءَ لاءِ!
ٽون ڪنن ٻاڙو ٻولين
مِٺي، ماڪِيءَ ساءِ!

○

متان ٽِڙن ٻيرَ،
ٻوئين ڄُمي ٻالوري
ڏينھن نہ وڃڻ ويرَ!

تُلسيءَ ٻوٽي جيئَن
هوندي نارِي، ٻر جيئي
پاڻيءَ ٻنا ڪيئَن !

ساجن! تنهنجو سنگُ-
ساري رات سرير جو
تَــتـل واريءَ رنگُ .

ڇورِي ڪنجهي ڳانءِ
ڪيڏو وقت وجود ۾
گونجو هن جو نانءِ!

○

سوچين ٿو لنوَ لائي
پرَ ناريءَ جي ٻريتڙي
نگر نگر پٽڪائي!

○

قوسِ قزح جهڙا
ڪيڏا آندا زندگيءَ
رنگ مسرت جا!

○

"آءٌ نہ ايندس اهڙن!
"بندر بندر عاشقيون
ڏون ٻہ خلاصيءَ جيئن!"

○

ها، ها گهَرُ گهنگهر
جَرَ جَرَ ٽُٻي هنــج جي
مُور نہ ساڳيو سَــرُ!

○

ڇانــگا مـانـگا، شـام
رضيہ، چؤ ٿو ڪير آن
تنهنجا ڪيئـي نـام؟

○

ڪين چوان، ڪهڙي!
توکان سُندر سُندريون
پــر ڪا ٿو جهڙي ؟

○

صبح سويرو

پکي ٻُر چنبڙي ويو-

اُجڙ آکيرو.

○

روڏاري، رولي

هِي جا آئي جي هوا

ڦڦڙ ٿِي ڦولي.

○

پنهنجو پيار آمرُ،

ڇپر تي جڻ ڇانئجي

سائو ڇهج ڇمرُ!

○

نينهن جيان نِيرا،
هِي جي مٿان ميگهه جا
آڀر اوهِيرا!

○

چندر مان چِمڪي
سرتيءَ مٿان سينڌ ڦُل
جهانءِ ڪيو جهِمڪي.

○

آهو گهر ٻيهِي
منهنجي اڱڻ اوچتو
ٻرين ٻرڏهِي.

ڇا ڇا سونهن سماٽَ!

ڇا ڇا ڇورڻُ ڇاڇري

ڳا گيتن مٿــي ڳاٽَ !

وڏي سونهَن سماٽِ،

هيءَ جا جيسلمير جي

تنهنجي ڪَڇ ڪَنواٽِ.

مينهن ڦُڙيون آيون،

ويهي ڪنهن ولهار ۾

ڇميون ڇـورايـون !

○

وڻُ وچينءَ ويلَ،
ڀلر جي ڀالوٽ ۾
ٻوڙي ٻنِي ٻيلَ.

○

ڏِسي ڏوراهو،
ڇاتيءَ ٿي ڪنهن ڇپَ جو
ڇڏيائين ڇاهو.

○

ٿنواري ڳاڙو،
ڪٿن نہ ٻوللو ٻاد ٻو
ٻرهنءَ جو ٻاڙو!

○

مون ڪي ڏنءُ ڏيڻي،
هي جا تو ٻن راڱڙي
اجائي ويڻي!

○

ڇا ٿي ٻنيولي،
چاندوڪيءَ ٻرچيٽ جي
ٽولا ڪن ٽولي؟

○

اورالکهي آيو،
اکيون ڪنن اڙجي ويون
لڳو لاڳاپو!

○

پانهياريءَ ڀولِي،
آڏيءَ راتِ آپار ۾
چنڊَن سان ڇولِي.

○

ٻَرَ ناري پائِي
سامِي سيرِي هرڪجِي
رامُ نه ريجهائِي!

○

روڪيان ڪينَ رهن
هلڻ هارا سُپرين
ڪهڙي ٻَهر ڪَهن!

○

ڄڻ مون ڦُلن اَڏَ

ٽِڙن ڏانگر والگيان

وڇوڙي جـا وَڏَهه

○

ٻادل ٻرسن ها

هلڻ هارا سُپرين

ٽيسين ٽرسن ها!

○

هي جا آرَ آتَلَ،

لُڙهي ٻاڇو چنب جو

آيو ٻرسان ٻَلَ.

○

جر ڏر مينهن وَسن
جوڀون جيسلمير جون
پيارا مانَ پسن!

○

گهوُرَ چڙي کهائي،
چيلا چُڪارڻ لڳي
اکيون جهُڪائي!

○

ڪنوَڻ کنَي تاءُ،
ڪاري رات، کُهنگ جي
کوُکَر سان ٽڪراءُ!

○

ٻَٽ ڪينٽَنِ جي ٻَنڊَ
چوٽيون ٽارن ٽِٻڪڙا!
هيٺان ڪـارِي ننڊ !

○

ٻيڙِي مـوڙي ٽـو ،
نينـگرڙو ننڊاکـڙو
ڪُوٽيون ٽوڙي ٽو.

○

ٻُريون ، ٻـولاهيون
ڪَڪريون لاهي اُپَـمان
وڃن ٿـا ڪاهيون.

○

رَڪَ نہ آهي رَڪَ!
مکڻ سُونهين مَنڊئين
ٻـاَيل سونُهين ٻَڪَ!

○

لاڙُ ٻہ ٻهري، چيٽُ
جهڙا ڪاوا ڪچ جا
ڏهڙو ٻائيءَ ٻيٽُ!

○

سنڌوءَ جو ساڪي
هو جو وِٺل ونجهہ ڏي
آهي روهاڪي!

○

جڏهن گهنڊ گجن

گونجن ڦول سڳنڌ سان

ٽاريون جهانءِ جهلن

○

پيو هاڻ سماءُ

چنڊ به منهنجي ڪيڏو هو

چوڏينهون راتڙي ڏلاءُ!

○

هونءَ ته هيڪل پنڌُ

سنجها ڏاليءَ مون ڪُلهي

هر جڻ تنهنجو ڪنڌُ!

○

هونءَ نه هيڪل وڪَ،
تون ٻهراڱهون ٿي پرين
ٻيلي تنهنجي ڏِڪَ !

○

ڪيڏي ڦولَ ڦُلارَ!
نئين سر سِرجي ٿئين
بسنت جا سنسارَ !

○

جُهلي گُلن گَهٽُ
پَر سڳنڌي ٿو پيو
پُورالو پوپَٽُ .

اُن کي ڏَڪُ نہ هَڻُ

هِي جو ڏينيوءَ اک ۾

ٻيل سائو وڻُ !

ٻنهي ٻي ٻي اکِ ،

ساڳو گُل گلاب جو

مان ۾ ماڪيءَ مڪ !

ڳوڪي کهڙي ڪَل

چوٽا هَٿَ چنار جا

ٿڦڪن هَوا ڳل !

○

واريِ ٽپيِ واريِ ،
ماريل هرڻيءَ جون اکيون
جن ۾ شڪاري .

○

آلهي آيري ٽو
هوُ جو لالَ ليارُ آ ،
پٽر جو سپنو .

○

ڪَڪر ڪاروليارَ ،
آيرئي سڄَ آڳاريون
وزن جڻ ريڊارَ !

○

ٿو جنهن ڏٺا شهر،
ڪامڻ! رولو ريت تي
ڏِسُ هي هوا هَرَ!

○

ٿون ٻه نه آهين پاسِ،
سانجهيءَ ويرا، سانورا!
ڪِنوڻ ڪنوي آڪاسِ!

○

اولـيءَ نــ اولو،
ٻيڙيءَ واري لينگريءَ
ٿهڪن جو ٿولو.

○

ڪنهن کي ٿي ڳولي؟
هيءَ جا موج مجاز جي
ڇاتيون ڇا ڇولي!

○

جر جهُونڊو نيئي
ڏُنگي وچ درياهه ۾
ويئي ڙِي ويئي!

○

ڏيئي ڏيڪارا
تارا ٽمڪائن پيا
جبل ۾ جارا.

○

رانول مون رُنڙا ،
او شل ڇَپ رکيِ ڇُمان
پِرِيَن جا پُنڙا !

○

مارو سنيران مَس !
رَبا ! وڇڙيا ميلئين
ڏُور نہ ڏِنِ جا ڏَس !

○

لُڙڪ وهن ٿا لَس ،
وجون اکين اوڏڙيون
ڪَنِ نہ گوڙيون گَس!

ڇيريون ڇمڪاريون،
واريو آيون وِيڙهه مان
ٻڪرَ ٻانهيارڻ سون.

مون ڪي ٻُڪاريِن
هوُ جي ساٿوڻ مينهن ۾
جهنگل جهونگارِين.

ويڙهيچن ويلا
رُڪو سُڪو ٻيو ڍڙو
ڇپر ۾ ڇيلا.

○

اڄي رنگَ آسُ،

۽ هو نسبِي نڪَ ۾

وهائوءَ وانگر !

○

پيرن دِل پيئي،

ويو وَرتَ هٿن مان

توکِي ڏسنديئِي !

○

پيارُ لـ ساڳو پيارُ،

اڄو مَٿو مُنڌ جو

کو کو کارو وار!

○

پيارُ نہ ساڳــو پيارُ،
اڳ ڪان گهرو ٿي ويو
اکين جــو اســرارُ!

○

سونا رڱـــي ســَـرَ
سج لهي سانجهي ٿيو،
پکي نہ آيا ٻـَرَ.

○

اڃا نہ آيــو!
سج لهي سانجهي ٿيو
ٻــل ٻل ٻرايو.

○

مونجهو، مَن ماندو،
ٻيو ڪاڙهو ڪاپار تي
اونهاري آندو.

○

وَهي ٻيو واهُ،
ٻَر تي ٻِيرَ ڇانوَ ۾
تون ۽ منهنجو ساهُ.

○

ورٺو ناهي واءُ!
سانگُ ڪَري ڪوسُپرين
اِڳڻ اسان جن آءُ!

○

سج لٿو سارو
ڪتيندي ۽ ڪَنبندي -
ٻويون سيارو.

○

ويو هيانءَ هٿان،
آڪ جون ڦُلڙيون نيرڙيون
نيرو نَيُ مٿان!

○

ڪيڏو مينهن مٿان!
هي جي ڏوڪا نينگري
کهڙيءَ ڪجيءَ مان؟

○

ٻوٽي ويڙهه نہ ٽون
ڇوري، آرهڙ آسُ ۾
ٻچن ٽا پيرُون !

○

مٺي، مصريءَ ٽڙَ !
کهڙا کهڙا ڳائيان
وائيءَ تنهنجا وَڙَ !

○

ڪنهن جي ڪَلهِ لڳين؟
سونو ڦُل سڳين ۾
ڏسي پنيرو لِبين !

ويڙهي وَسنو آهه !
اڄ، مان توکي ساريان
آهه وَري لِنوَ آهه !

ائي نہ سارو پيارُ ،
تو چو چرکي سوچيو،
''کوريئڙي جو ڇارُ!''

توکي شال وَڻان !
چوڙيون چمکن ہنڌ ۾
ڪانبي منجهہ ڪَٽان!

○

مالهڻ اڄ ماريوءِ !

آئي ڳل رابيل جا

نياڻو وساريوءِ !

○

روز نه ساڳيا ٻَلَ

موتين ڇمي چنب کي

جهليءَ کهڙيءَ جهل.

○

ٽاري سيِ ٽولا،

موهن، مون توليءَ ڪئي

ڳلين ۾ ڳولا !

چانـيءَ لـڲـڬ چمکن،

مونکان مورُ لہ وسرن

چُـمـبون چـوڗيلِيَن !

○

پُسيءَ وَن پهراڻَ،
مون کان مور نہ وسرنِ
هوُ جي پوُريون پاڻ!

○

هوُ جي هَٿن هيرَ،
مون کان مُور نہ وسرن
سارا ڏاڙهن ڏيرَ!

○

آزاريوم آچن
مون کان مُور نہ وسرن
هو جي کالهہ کَچن!

○

آلا اوءِ آلا !

هُسينِ هِريا ڪينڪي

کهگهرين ڳَلا !

○

آلا اوءِ آلا !

جيڏيون جوئر ڪيت ۾

ٽهڪن منجهه ٽَلا !

○

آلا اوءِ آلا !

تن جا ڪاڪل ڪُنڍڙا

ڏِيَن واءُ وَلا !

○

آلا اوءِ آلا !

ڪاريون ڪجريون اکڙيون

ءِ ٻي روپُ ڪَلا !

○

آلا اوءِ آلا !

مِٽيالِيون تہ ملير جون

منھنجا ٻـاڳ ڀَلا !

○

ڏات مڱان ڏاتار
جوڙي ٽُنل جيئڙا!
ڳنڍيان ڳنڍڻ هار!

○

هونءَ نہ چُپ چوُکيِ
ٻرين تنهنجي ٻار ڏي
اِک جهلڻ اوُکيِ!

○

"نہ ڏنو هيڏ آءٌ!"
اڄ جو ڏر- ٻردو ٻرين
لوڏيو ڏکڻ واءُ.

ڏٺي سڀ ورونهَن،
ٻُنءِ جا ٻنيٽ سڀ ڏٺا۔
هالي ٿڏي سونهَن.

ڏاڍا سيءَ ٻيا
ٻوءِ ٻہ گهٽيءَ جي ڪُڪ ۾
ڪوسي سٽيما.

هي سڀ سپنو هو!
ها، پر سپنو سانوري
ڪيڏو پيارو هو!

○

ٽُورئي ڪيت نہ هيلَ
ڪاهل! ڪوجهي لڪٽِيڻ
وڃايَءِ ڇو ويل؟

○

ٽنهنجا منهنجا ڇَپَ
جيئن ڇُمي مائلي
ٻئي ڦليليءَ ڪَپَ.

○

هُن ڪي چِڌِ، نہ ڇوُ!
مارُل ڊڪي انب جان
ڊولي هونءَ نہ ڊوُ.

○

اڃا وارَ ٿيا
ڀو ٻه ڏٺو مون پيار سان
سانچي اسٽوپا.

○

اڃا ته آهي ڏينهن،
آگهه منهنجون آليون اکيون
ويهه ته رُڪي مينهن!

○

وسي ويو ويڙهو
ڇانگون ڇِنن اوتَ ۾
ها، پر هُو هيڙهو؟

سانچي – سانچي (ڀوپال) جي اسٽوپا ۾ استريءَ جو ننگو سرير پيش ڪيو ويو آهي جو ڀرپور ۽ لڀائيندڙ آهي.

○

اجهو سهڙي سنجهه
هاڻي اکيون ٻوٽيون
ڇا ليءِ ڪَنجهو ڪنجهه!

○

رهندو وڃي ٻاءُ
سُڄي رستي تي رکو
هيرن جو ٻڙلاءُ.

○

روڪي جيئڻ جَنڊُ،
اڄ مون ڏٺو سامهون
ٻُليءَ مٿان چَنڊُ.

○

آچُ، آچُ ڪوڙا يارَ،
سارو جڳ ڪوڙو ميان
توڻي ڪوهه ميار!

○

سيتل ٻاڙيءَ ٽـي
ڪير چڙي ويو ڇاڪڙيون
ٻيرو ٻه ڪونهي!

○

اڄ جو ٽڪا انڳ
ٽاچ ڇپايا ڪيترا
ماڻهوءَ ڪان مرڻنگ!

سيتل ٻاڙي — هڪ قسم جي ٻوٽي.

○

هت نہ يگہءِ ڏينهن

هت نہ رهين راتڙي

مارو! - هائي مينهنُ ...

○

ٻپل پوئر وَڻَ

گوريءَ ڏينو هٿَ ۾

آئر واءُ کُھلڻُ.

○

ٻجري ۾ ڪجھہ ٻَرَ،

ڪنهن ٻوليون هت ٻولڙيون

هائي ڪنهن کي ڪَرَ!

○

ڦاڪر، پيارا، تون!
اهڙا نيڙو ڀيا ڪٿي
ماڪ، ستارا، تون!

○

سامي! مايا ڇا رُ؟
ڀوپاڙيءَ جو جوڳڙي
جوڳُر - ڏوڏو ڀارُ!

○

تون ڀي اُٺ - ڀورو
ڀلو کهرجي جوءِ کي
ٽو وٽ ڏنبورو.

○

جيون سارو جڳ

پيار ۾ مري ويو ٻرين

رهي وڃي رڳ!

○

ڪنڊيءَ ڪامَ ۾ لُڌُ

ٻول ۾ ٽتر تاوڙا

ماري آيا، آڌُ!

○

مون کي اِن مان پيوُ

اڃا تو ۾ شاعري

جياپي جو ٿوُ.

○

ڇا، ساڳي ٽارِي ؟

جنهن جي لاءِ ڏني هُني

ٻاهوءَ آڏارِي !

○

مون ڪَوٽا تي ڪَنُ

ٽارن ڇاپا ٽات ٽي

منهنجو گهر گگنُ !

○

آڳانجهو آچيوم

ڪُهنبي وِڙهي هتڙا

ٽوڪي ساز ڏنوم.

مار نہ تاڙي آڏار نہ سانون، ميان باهو اسان آپي آڏڻ هاري
( سلطان باهو)

○

ڪيون چنڊ ڪلون
”تون سامهون وچ سيرِ
تري آ ته مِلون!“

○

ٽليون لڏون سان
ڪلهه تو آڇيون ٻنڊڪي
۽ ڪوهيارا هانءُ؟

○

ڪيڏو ڏور اجان؟؟؟....
اڄ ته ڪرهل ڪُٽڪو
هاڙهي لڪ مٿان!

ٻرجهي ٻوء ٻـلاڻ!
هينئڙو مون هيٺو ٿئي
منهنـڙو اوري آڻ!

لکٽي نـاهي لنو
ڇا جي ٻئي پينگ ۾
ڇا جي منجهه وسنو!

جئن هو هنج نياڻ،
سٽون آيون ساهه ۾
ٻيهر ٻنهنجو ٻاڻ!

○

ڪِنوڻ ڪوٽي ڪينَن

آسَ آڀـاريئه سُپرين

ڪَتيءَ ڪڪر جيئَن!

○

هاڻي نـہ ڊرساءِ،

مون جي ڳجرا ڀوئيا

منهنجي هٿان پاءِ!

○

ڪونهي ڇڻن ڪَڪن،

اڄ سونيون ٻنگهرون

ٻـادل منجهه ٻـَڪن.

هو جو گيت مَهان
ڪڏهن پاڻيءَ ڇينهِڙو
ڪڏهن سمنڊ سمان!

ها ڪا اهڙي ڏُنِ،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي
جئن نيروليءَ ڪُنِ!

تو ڇو نيٽِين نير؟
تو من آجرو ائين ميان
جيئِين امڙ کير۔

ڇينهڙو — جبلن تان پاڻيءَ جي ڇٽن جو لهڻ

○

اَمڙ تنهنجي ٿَنَ،
ڏاڍهين موُن ٿي ڏٺي ڳليا
ٽَر جا ٽوهر هَٿَ.

○

اڙي شڪارِي!
هن پنڇيءَ جي ٻولڙي
ولر ڪان نيارِي.

○

ڪيت نہ ٿي ڪوئي،
ڪڪري لڳي چنڊ ٿي
لڳي لي لوئِي.

○

ڪوئي برَهه بيتُ !
لُٽي لُٽنديِن ڪيترو
مِيان ڪَنِي - ڪيتُ؟

○

ٻاڪَ جڏهن ٻُڌجن ،
آڙي سَيري ساٿَ جون
ڳالهڙيون ڳُٺجن !

○

ٻيڙا ٿڙڪن ٿا ،
سِڙهه ڪنهن آويساهه سان
ٿڙ ٿڙ ٿڙڪن ٿا.

○

ڏکين ٽيلهي ڏَرُ؟
اڃا ڳوليءَ پنڌ تي
آهي پنهنجو گهر!

○

ڪنهنجو ڏوهه نه، هَرَ
چوليون ڪاوڙ ۾ رليي
وِجهن ڇَڪُ ڪَپرَ.

○

ٽُٽي ويا سپنا،
ميڙ نه ڪِرچن کان ٽڪا
شِڪي ٽي شيشا!

○

ساڻ کيا سانوڻ
آءٌ ڇپاڙينديس اڄا
ڪيڏا ڪاڳر مَٽُ؟

○

تون ته چوين ٿو ”لکُ!“
ڪولي ٿي ٻي ڳالهه ڪا
منهنجي هڏن مِڪ.

○

ڪيئن ورائيان سَڏَ
ڦٽيان ڪوڙي ڇپَ آ
اکيان اونهي ڪَڏَ!

لڱ لُڙيءَ ۾ چوُڙُ
وَکرُ اکيچارُ ٻرَ
ٻَٽڻ ٻوٻون ٻور.

ڇَنا ٻيا ٻہ ٽہ ڪوڙَ
منهنجي مَنهن جي مٿان
ڪيڏي مينهن ٻتوڙَ!

ميان، ڇا هي نانوَ؟
ٽيلهہ نہ ٽڪا الڳڙا!
ڇَڏ نہ ڇِڏي ڇانوَ!

تون تہ انهيءَ کان بَچُ!
پَل ٻي ڪنهن تي جهڙپ ڏي
سِيچائي جئن سَچُ!

ڪُهہ سارو سنسارَ!
وَرُ توسان ڪنهن ڪنڊ ۾
لاڙ، لِکي پيارُ!

ڇَڏِ تہ ٿئي آڄِ!
سُتي مار تہ مَنڌ ڪي
هيءَ جا پرينءَ ڪَچ!

○

ٽوڪان ڪنهن ٻہ پڇيو،

"تنهنجون گُلَ گلاب جا

پنبڙيون پُسيون ڇو؟"

○

ڪينجهر هنجَ ڪروڙَ

پوءِ بہ ڪنهن ڪنهن هنجَ سان

ڪينجهرَ مٿي موڙَ!

○

ڀڳڙ ٻَري ٿي،

ڪَنڊُ جهُڪائي جنڊَ ۾

ڏُڪڙا ڳري ٿي.

○

ٽِلَڻ جا ٽاڻا
ڪيڏا سپنا سَچ جا
سانجهيءَ سماڻا!

○

ڪيڏي سُچَ اهارَ
رهي رڳو روهه ۾
ڪونجن جي ڪٺڪارَ!

○

مانڊيِ ٽنهنجو منڊُ!
اڄ هي منهنجي شاعري
ٻَنَي بادَلَ چنڊُ!

○

توکي ڳولن ڏَڌَ،
ٻَرن ڏا ٻي پار جا
نِتُ نِتُ وڃي ڏڙَا!

○

هو جي ساجنَ سنگ
کيسَ کٿـوريءَ واسيا،
اُڄ نہ اسان آنگِ

○

ائين پنهنجو پاڻَ
ٻرندي آئي ڏات ۾
جيئين هِنـج نياڻَ.

مون مَنِ آيو نينھُنُ
ٻَري ٿَلَ ٽرائيون
جيئِنُ سانوڻَ مينھُنُ!

ھي سانوڻ جي راتِ
وڻ وڻ واڄو ٿي ويو
تون ئي تون جي ڏاتِ!

ڪاوڙ مون ڪيھي؟
اڄ ٻه پيارا پاڻ کان
ڏاڏاڻا ڏيھي.

○

وانـڳِي شال وسن !

ھائي ڳِلِ ڳراٽڙيون

گھمن منجھہ ڪسن !

○

ڪَوٽا ھُڏائي

ڪُوِي آنيو ڪچڙا

ڪيرِي ۾ ڪائي .

○

لَڙڪي مٿي لامَ

سگھر ھٿي ليڱري ،

۽ ھو ھُن جا آمَ ؟

خوشبو ڇو آهي؟
ڪوئي گُل گلاب جو
ڦُٽو نہ ناهي!

منهنجا کهڙا حال!
سائين سڻائي ڪرين
ٻلارا ڪي ٻال!

آهيان اڄ نہ آداسُ
جيئري شل جيڏا ڏسان
هوُ جي منهنجو ماسُ!

مان ۽ تنهنجو نانءُ
هي ناڪاري ڦوٽون
هائوڪاري آنءُ.

○

رات ڏٺا تارَن
لاشن پرسان لوئبا
هِيرا هٿيارَن.

○

هائي ڏوهُ نہ ڏوهُ!
چنڊ نہ تنهنجي ڪَڏَ آ
ڪامڻ! پڇين ڪوهُ؟

○

روز رسيلا يارَ
هتان هارائي ويا
وڻجي سپ واهارَ.

○

ڪُهران ڇا آئون!
ڪيڏو آفقُ ڏيجَ ۾
ڏُکيءَ ڏنائون!

○

چالبوڪيون راتيون
ها، هي تنهنجي شاعري
سؤليون ماساتيون!

○

توڙي لڳن لَڳَ ،
چڙهي ڏونگر چوٽِين
چِڻُ نہ سجڻ سڳُ !

○

کهڙيون ميارون !
آيون سانوڻ مينهن جلن
آيل آچنگارون !

○

آنءُ بہ کوئي نانءُ
ورڻ وارہ الوداع
هلڻ هارو آنءُ !

○

ڇَپر ڇانوَ، ڇَنو
ها، پر آيل، سامهون
گهوڙي هوتَ هَنوِ!

○

ڪونجڙيوا ڪيڻي
آمي اُفق آڪ ۾
سانجهيءَ سميڻي!

○

رڇي، ٽي ريڻي،
ڪنهن سان پنهنجي نينهن جي
ڪَيءَ نڪيڻي؟

○

ڪنهن کي ٿارن ٽات ؟
نگر واسي ننڊ ۾
نِڪندُ آڌي راتِ !

○

سي ٻہ ٽہ ٽنهنجو ٻاڻُ
هو جي سارِن سنڌڙي
چوَنِ ڏوٿن ساڻُ !

○

ڪيڏو سيءُ سئوء !
منهنجي لوئيءَ ۾ ميان
ويڙهو نہ ويڙهيوءِ !

○

مَنُ نہ مـون ميرو
سدا آن جو سپَ جئَن
ڦُڙيءَ ڏي ڦيرو.

○

هَٿُ نہ رکيو هوتَ
ڳلن ڳوڙها نہ سُکا
مٿان آئين مـوتَ !

○

جائـِي نـہ جـاہـِي
جيڪا مون جئَن يارمان
ڍائـِي نہ ڍاہـِي.

○

سُٽي تنهنجو سَڏُ
لڳي ٿي هيڪلي
گهگهيرين سان گَڏُ!

○

اوڏـــي آويرا
ويندي ٻُجن ڪينڪي،
هي تن جا پيرا...

○

آڳهائيءَ ۾ آءٌ
سُٽي ماڻ سگهو ٿيان
ٻرين تو ٻڙلاءُ!

○

ساڃاهيان ڳو هاڻ
ڪانوَن ’ڪان‘ ’ڪان‘ ۾ هُئي
اکين جي واڪاڻِ!

○

ٻولي مون نہ ٻُجهن-
ڪانگا تو ڪنهن ڪُنڊ ۾
منهنجا سيڻ سُجهن؟

○

هائي ڪَيان ڪيئن؟
’مَر تہ موچارو ٿئين،
هرڪو چوي ائين!

هي جي ٻڙ پائن
پلا ڪنهن کي جيئري
ڇاتيءَ سان لائن؟

جيئري جهميلا،
سدا ٿيا سنڌ ۾
مُئن تي ميلا!

صدين هڪ انسانُ
سو بہ تہ موهن جي دڙي
وانگر ٿيو ويرانُ!

○

وڻجاريون وايون -
هيل ٻه اڪيچار تو
ٻوليون ٻرايون.

○

ٻناٽيءَ تبي ٻاس -
”ڳر ٻابيهو ٿي مران
شال نه ٻجهي پياس!“

○

وِڇن پيا سنکَ
هي منهنجا ٽئگور جئن
ٻويان ’مرتيوءَ پنکَ‘.

ٽئگور جي ٻوئين ڪتاب ‘Wings of death’ ڏانهن اشارو

○

جڏي جياپي
رڙهي چڙهي روهه تي
سَرَهه سِياپي.

○

رَنڍيا روڙهي کَٽ
کَنُ نہ ڪاپو ڪندي
پاڙي کي پورهيتِ!

○

مون سان ماڙَ نہ ڪر!
ها، هن گھايل گبَ سان
جبل جاڙَ نہ ڪر!

○

گهيڙ نہ ساڳيا گهٽ،
نوان پنڌ ٻهاڙ جا
پيرا ڪونهن پَٽَ!

○

اڳ نہ هي لهرون!
نہ هئن پرينءَ پار ڏي
پوياڙيءَ ٻهرون!

○

پانڌي نہ پيرو
جڏهن جبل چوٽ ٿي
ڍاڪڻ ڏيرو!

○

ساري هُنَ جي سَکَ
ٽوئج نيڻَ ندي کري
ڇنـني ٻَلـوَن ڇِکَ !

○

ٻِنان ٻـاهر ٻَنِي !
مومل سوا آهر ڇا
نـاٿر نـامڪِني ؟

○

گهايـل ۾ گهاڻـا ــ
ڪيڏي سارَ سُڳنڌ آ
پرينءَ پڄاڻـا !

○

آءَ پرينءَ پاڙو
هي سڀ عالم اوپرو
ڪيان ڪُجاڙو ؟

○

رَعد نہ سو راڙو
پوءِ بہ سانوڻ مينهن ليءِ
تنواري تـاڙو !

○

لَـڏِ نہ لاڪيٽا
هي سڀ ڪُوڙو آسرو
"هُـڏيءَ جا ٻيٽا ! "

○

”پرين مون پاڏا!“
ڇا ٿو سائيءَ نہ تان
آکين کنياڏا ؟

○

سو ڪئن سَليان عامَ
ڪانگل مون ڪي جو چيو
لَمِي مٿِي لامَ!

○

کهڙا سنيها ؟
ههڙيءَ ڪاريءَ آس ۾
ٻول نہ ٻاپيها!

اتــي پهر آداسُ
رتوُ روئن سڄئين
منهنجا نيڻ نراسَ.

سارو ڏينهن سِپَن،
ا کيون روئن رات جو
موتين مينهن وَسَن.

پُلين چو ياٿو؟
هوُ فانوسو چنڊ جو
ڪڏهن وسائو؟

○

رنگ رتي جو شامَ
آيو ڪانگل اوڏڙو
لَمي مٿي لامَ.

○

هالا ٻرائا،
مون ليءِ ہ ڪي ڀِٽَ ٽان
دعا جا دائا!

○

مون مان آنهِن نراسَ؟
آنءَ تہ آهيان آروَشي
ساڳو ڪالي داسُ!

○

جڻ تون منهنجو ماسُ
آ ڏاڏاڻي ڏيهه جو
تو ۾ وٺن واسُ !

○

اجا نه اوڏِي !
ٽوڙي تنهنجي ٻند ۾
لوُهَن نه لوڏِي !

○

آخر آڏاڻو
ٻکي پرديسي هتي
آڏي آڏاڻو !

○

آتڻُ اجهاڻلُ
چرخي چِٽ لڳي نہ ٿو
ڪاپو ڪوماڻلُ.

○

پرين پرايا
مون پاتيو پيرو ڪندا
ورِي نہ آيا.

○

سڀ ڪجهہ وساريان؟
واٽون نہ واجهايان
ڏيئا نہ ٻاريان؟

○

ڇا مان هيٺ لهان ؟
اڃا جبل چوٽ تي
ڳورو ڏور ڪهان !

○

جِن ۾ آدرڻ آڳِ ،
ڪين پرديسين جا
ماڳ به کهڙا ماڳ !

○

ڏينهن تتو جهُڙ يانءِ !
ڀڙ پرهان جي ڀار ڏي
متان ٿين ڳانءِ !

○

سامي ! هوُ سَتگُرَ
جن جا ڪاريءَ ’ڪينءَ‘ ۾
ڪُتا وجي ڪُرَ !

○

جهجيِ تيِ جهيٽيِ
هوُنءَ نه هئيِ سونَ جيِ
ويٽيِ وهيٽيِ.

○

آجُ نه منهنجي پاسِ،
گيڙوُ رڱي گودڙيون
رِيتا ڪَن جي راسِ!

○

ماٺو مکيڻ جان،
ڪوريءَ ڪاٽ ورائيو
چڙهي چوٽ مٿان!

○

مون کي هيڏين هون،
جوڳي جهليندءِ ميان،
ڏُرُ ڏ سَپَ جي ڏورَ!

○

اڙُ سونهون انسانُ
سُڃا رستا سامهون
ويڙها سڀ ويرانُ!

جو ڪرٽو ٽي ڪَر !

لاڪيٽا لَڏي ويا

سوين ٽو سائيرِ !

ٻائي پنهنجو ٻانُ

ريجھِي رهائيون ڪيان

مِٽن مائهن سانُ !

هي جو شعر چيوم،

چئني پهرن پنڊرو

ٻوٽين ٻهر ڪيوم.

○

ٻه ٻر ٽترن جا
وارِ اڳر واريِ سگهين
وِيچا مترن جا!

○

سڀ ٽي مينهَن وساءِ!
ٽر ٽي ٽاڏل ٽِي وڃيِ
ٻرسان ٻُج ٻُجاءِ!

○

هيڻو هانءُ نہ ڪَرِ!
متان ڪريِن ننڍڙي
ڪهوڙو ٻَڌي گهرِ!

چاهيون نہ چاهيون ،
ٻرنديون رهنديون ٻاٽ ۾
بيراڳين باهيون ۔

ٽَلَڻِ جا ٽاڻا ـ
ڪير ڪٽِي ويو ٻاڻ سان
پٽاريون ٻاڻا !

مون کان تون منڪر !
مون جنهن ڪاريءَ رات جي
مهٽِي لاٽِي مَرُ !

○

ڀَرَ ڪان ڇڱو ڀَرُ
ٽوهُ لڳو ٽِي ڳدرو
ڳاڙهي ڏِسي ڳِرُ !

○

جهُوڙا اوجهاٻا !
لِڪيا ٽنهنجي ليڪ ۾
ٽرن جا ٽاٻا !

○

وٽيءَ وهه پيان
ڏِسي ڪنهن ڏي ڏُک مان
ٽوراهو نه ڏيان !

○

مُمتا ڀاڙا پَرَ
جڏهن منهن ڏي ماءُ جي
آئِي جِٽيءَ جَـرَ.

○

مارو سي منڙا،
آلا ڪيڏا ڏينهن مون
ڏيهِي نہ ڏٺڙا!

○

ڇا جي اچين هاڻ!
لهي ويندي اوچتو
لَڪن تان لالاڻ.

○

کارا کارونجھر !

آڄُ نہ ٺارا آپَ ۾

ڏياٽيون ڏونگرَ !

○

منهنجي جيءَ نہ جَکَ،

هونءَ بہ تنهنجي واٽَ ۾

کيئي ڏُوٺا ڏَکَ —

○

راهون رولن ٿا

وري وڻ پنيور جا

کنهن کي ڦولن ٿا؟

○

چيرين چمڪارُون -
آئن ڳانا پٽِ جا
موتين مَهارُون.

○

منهنجِي ڏُونگرَ ڏاتِ !
لڪَ ڳهٽوئي لالُ ها
پر هوُ جتَن ذاتِ !

○

آجَ نہ جيسين اوجهَ
هوَ جي راهي رجَ جا
روجهَ نہ تيسين روجهہ !

○

ڀلا ڪَرِڪي ڀالَ
ميڙائي جا مينهڙا
وري وَسن شال !

○

ووڙيم ولهارون ،
آجُ نہ ڏِڪڻ واءُ ٻم
جهانگهين جهونگارون .

○

سُمرٽي سوري ،
آءٌ بہ ٿيان اڳيرو
تون بہ اچين اوري .

○

ساروڻ ٿي ساروڻ ،
وَلين جئن وَريو وڃڻ
تنهنجون نهارون !

○

نوسان ساڳيو ٻهَهُ ،
هي منهنجو سُر سانولا
ڳالهه انهيءَ ۾ ٻُهَه .

○

ڀَل ٻه اهڙن ڀُلَ !
چانگن چاريءَ ايتر !
روڙيو رڻا ڪُلَ !

○

وَرِ وَرِ ٻُڌي ويڻ
ڇُڙکي پيا ڇوهَہ مان
ڪنهن جا نيهي نيڻ

○

تو جا ڄڻي ڄرَ
جلائي جبريل جا
ٻَڌي جيڪا پَرَ!

○

اَڄ بہ آن کي ٻَرَ!
ذات! وسائي ناهہ سا
تو جا ڄڻي ڄرَ.

○

ولھارن تي وَسَ
ڏسُ، ڏسِ منھنجي ڏات جون
ٽرايون ۽ ٽَسَ

○

پِلا پيليرا!
اڃا تنھنجا اڳيرو
سج لٿي ٻيرا.

○

وَٽُ نہ ڪوسا ٿانوَ،
ٽنھنجو ڪم ڪنيار جو
ٻَرَ، ٻَرَ ٿڌا ٿانوَ!

○

جوڙ نئين جوڙيان
ڏينهن ٿڌي ڇانو ٿيان
راتين ڳل روڙيان ۔

○

ڏات مڱان ڏاتار
ڪيڙي ڪڻ رسائين
سڀ جا پالڻهار!

○

اسان تو آهار!
ڏونگر ڏاري تو رکين
آڙين جا آڌار!

○

نوتي لڳ لڪن!
جهوپا جهورن اوڙڪون
پڪا پنوهارَن.

○

آئل وتائون،
سِڄ تُراڙي ۾ وجهي
مون کي ٽوريائون!

○

ناهيان ڏارَ آہا!
رُوءُ نہ منهنجي رَتُ تي
اکين نارَ آہا!

○

جڏهن جنجهوڙين !
توکي ماري موت جا
ڪوڙڪيون ڪوڙين !

○

اسان ڇا آهيون ؟
ڪاريون راتيون، روهڙي
بيڪس جون باهيون .

○

مُرڪن نه مَرڪن،
ڏِسي صورت گهوٽَ جي
جاچيئڙا جَرڪن .

○

جنهن ۾ گـذريءَ گـونج،
پاڻ اسان ڏي پٽ تي
آڏري آئـيِ ڪُونجَ.

○

مـون مـن آڏالــو
مٿان تـارا آيَ ۾
واريءَ وچـاڻو.

○

سڪـنـدر سـارا،
نہ مـون جُتيءَ جيترا
دنـيـا جـا دارا.

○

تاجَ ڪيانيءَ جا،

تِجُ تماشا سڀ هيا

آني جانيءَ جا.

○

گوليءَ جو ڏڏڪاءُ

واهيَرن تان آليا ـ

پکين جو پڙلاءُ.

○

رُنا، ڪونہ رُنا،

وچڙيِ مون وڃهو تيا

هُو جي ماڳَ مٺا.

○

گـُڙنـدا رهيا گهنبَ
ٻڏون لسَ لنگهي ويونْ
ٽـوڪي اڄـا نـنـڊ!

○

لـَڄ ٻـ ڪـا آيَءِ
ڪَتڻُ سڪينءَ ڪينڪي
ٻـوٽـيـون ٻڃـايَءِ!

○

ڇُـٽـي آيَ ٽِـراڙُ
ٿـرَ هـٽـي وڄُ ڪـي
ٿيو ٻـاڙيـن ساڙُ!

ٽُڙي ٽِڪين ٽو!
ماڻ جو سوَ سرمستَ هان
ٽنهن کان ڇِڪين ٽو؟

لکيو لکڻهار
قلم مون کياڙيءَ وهيو
ٽکو جئن تلوار.

ساجنُ سارو سُکَ
پنهنجن جون پرکون لهي
ڏيئي ڏاڍا ڏُکَ.

ڏِسُ تہ سياري ساڙُ

کوهيڙي ۾ ويو ڇپي

سڀ کان اڳ پهاڙُ!

اِڪتي وڏو ڏيهہُ

آڏر، آڏر هنجڙا!

سُکي سَر نہ ويهُہ!

متان لهين سِجَ

متان پوي راتڙي!

منهنجيءَ جهوليءَ ٻَجَ...

سچل تو ڳولي
درازا جي دز ۾
نانڪ يوسف کي.

آءٌ درازا هـل !
تنهنجا سارا مولوي
منهنجو هڪ سَچَلُ !

تنهنجو منهنجو ناهُ
جي تو سچل سنگتي
۽ مـون بلي شاهُ.

○

ماري ٿو ماري
جهڙا سنڌوءَ ٽي پکي
تهڙا راوِيءَ ٽي.

○

هاڻي سڀ ٻاتيون،
هو گيتا ۽ راج سان
لنڊن جون راتيون!

○

مون کي سڀ ڪجهه ياد
توکي ٿاهيو ميڻ مان
جڻ مادام تُساد!

گيتا ۽ راج – سنڌي ليکڪ جي مصنف جا دوست آهن ۽ جي هن وقت لنڊن ۾ رهن ٿا.

مادام تساد – لنڊن ۾ مادام تساد جو موسني عجائب گهر آهي جنهن ۾ دنيا جي مشهور شخصيت جا ميڻ مان ٺهيل بُت رکيل آهن.

○

مون مَنُ مچلي گهرُ
رنگبرنگي سمرتيون
تارِ هجي يا تَرُ!

○

آءٌ ابو سينا
هوٽل، وڏُڪا، رات جو
روسي ارينا.

○

چگو گل رخسار!
مون جهڙا ٻيا نَر سوين
تو جهڙي ڪا نار؟

ارينا – مصنف جي روسي همسفر جا هن سان ماسڪو کان دوشنبي تائين گڏ هئي.
گل رخسار – تاجڪ شاعره جا مصنف سان تاجڪستان جي سفر ۾ گڏ هئي.

ڇڻ مون جهڙو دَر
هي جو لينن گراڊ ۾
دوستو وسڪيءَ گهر ۔

پنهنجو روسي نانءُ
مائڪو وسڪي چوڪ تي
ٻڙهان بيو آنءُ ۔

دوستو وسڪي – لينن گراڊ ۾ دوستو وسڪيءَ جي گهر کي عجائب گهر ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۔

مائڪو وسڪي– ماسڪو ۾ مائڪو وسڪي چوڪ تي روسي انقلاب جي عظيم شاعر مائڪو وسڪي جو ڪاري پٿر مان ٺهيل بُت ڪٿل آهي جنهن جي ٽري وٽ ڌاتوءَ جي تختيءَ تي مائڪو وسڪيءَ جو نالو لکيل آهي ۔

○

ساڳيا اوسيڙا

منهنجي ڇاتيءَ ۾ هُئي

پُشڪن جي پيڙا.

○

پشڪن جو پيالو

خالي؟ جنهن جي ڪيت سان

ايڏو آجالو!

پشڪن — روس جو عظيم شاعر جو مقابلي ۾ ماريو ويو هو. لينن گراڊ ۾ پشڪن ميوزيم آهي جتي پشڪن جي ٻين شين سان گڏ اهي پيالا به رکيل آهن جن ۾ پشڪن شراب پيئندو هيو.

○

نيوا ٽي ڇمڪي
ڪٿ هو پُشڪن جون اکيون
جن ۾ جَرُ جِهمڪي ؟

○

او منهنجي تقدير !
ڏس هيءَ آهه سمالني
ماڻهوءَ جي تدبير ۔

نيوا – لينن گراڊ مان وهندڙ ندي جا بالٽڪ سمنڊ واريءَ فنلنڊ جي ڪاريءَ ۾ پوي ٿي.

سمالني – آها جاءِ جتي ١٩١٧ع جي انقلاب کان اڳ انقلابي ڪٺا ٿيا ها.

○

ڦاسيءَ ڪاٺل سوٽَ
۽ قيدين جون جيل ۾
پيرڪڙيون ۽ ٻوٽ.

○

پيارا لرمنتوف!
موت نہ مون ليءِ راند هو
هي مون کهڙو خوف؟

سوٽ ـ لينن گراڊ جي زار جي زماني واري جيل ۾ ڦاسي ڪاٺل قيدين جا سوٽ، پيرڪڙيون، ٻوٽ وغيره سانڍي رکيل آهن. انهن قيدين ۾ لينن جو ڀاءُ اليگزينڊر اليانوف بہ هيو.

لرمنتوف ـ روس جو رومانوي شاعر، جيڪو شيليءَ جو همعصر هو ۽ مقابلي ۾ ماريو ويو هو.

○

هيءَ قريب المرگ...
هٽ ۾ مٽني فيسنو...
روزالڪسمبرگ!

○

ڇا ڇا موت جهپيا
ڏاڍي ڪيڏا ڏيهه ۾
ڪاڙها ڪيات ڪپيا

○

ساڳي جوشَ جنُونَ
ٻيهر ڏيٺي ناهه ڇا
هو ٻرس ڪميون؟

روزالڪسمبرگ – جرمنيءَ جي عظيم انقلابي مفڪر،
روزالڪسمبرگ ۽ هن جو ساٿي ڪارل ليبنڪ
جي ليڻن جا همعصر ها، ماريا ويا ها.

○

ليڪيندين ڇا ۾

منهنجو خون وهيو هُيو

بارسيلونا ۾.

○

منهنجا ننڍا ٻار

ڇڪي ٻيو لورڪا

مون مان تنهنجو ڳهاڻ!

بارسيلونا — اسپين جو هڪ شهر جنهن ۾ فرانڪو خلاف ٿاهيل بين الاقوامي برگيڊ وڙهي هئي جنهن ۾ دنيا جي ملڪن جا اديب ۽ دانشور، هيمنگ وي، جارج آرويل، آندري مالرو، ڪرسٽافر ڪاڊويل وغيره شامل هئا ۽ جتي نراجوادين ۽ ساميوادين گڏجي ڪجهه وقت لاءِ حڪومت ٻه ڪئي هئي.

لورڪا — اسپين جو آزادي پسند شاعر جو فرانڪو جي فاشي حمايتن هٿان ماريو ويو. لورڪا جي شاعريءَ جي موسيقي ۽ تخيل اسپين جي جپسي گيتن کان متاثر آهي.

○

ترڪيءَ اندر آنءُ
وٺي سگهان ڪونہ ٿو
ناظم حڪمت تانءُ!

○

اڄ نہ اڪيلو
پبلو ڪالھ ڇڏي ويو
دنيا جو ميلو.

○

سيڪجهہ ٻائي ٽنگ

هي ٽُرڪي ۾ ٻائرن
جنگ نہ هڻ جي جنگ!

پبلو — پبلو نرودا، لاطيني آمريڪا جو انقلابي شاعر جو چليءَ جي وزيراعظم آلندي جو پئرس ۾ سفير هيو ۽ چليءَ ۾ فوجي تسلط ۽ آلندي جي موت ڪانپوءِ گذاري ويو.

سامي سُرتِ سُجان
ويا ويراڳي نڪري
ڪَلَ پئي ڪنهن ڪالہ.

—

سامي سُرتِ سُجان
ورتائون ويراڳيون
ڇڏي ماڳَ مَڪان.

سامي سُرتِ سُجان

اڄ ٽائين اتهاس جي

اکين جا ارمان.

—

سامي سُرتِ سُجان

ڪونجَ ڏٺي ويا ڪيت ڪي

ڇپر جي ڇا ڇا ڏم!

—

سامي سُرتِ سُجان

نِتُ نِتُ راهه نهاريان

موٽي اچن ماڻَ!

—

○

آڳُ نه ڏِهَن عام
لِڪا ڪُهمَن لوڪَ ۾
•
وِڳهه جا وريامَ.

—

ڪَنڪ ڪاروپيارَ
لِڪا ڪُهمَن لوڪَ ۾
پُوٽِين نه پُڪارَ.

ويڄها نہ وڏڪارَ
لِڪا ڳَهمن لوڪ ۾
واسيا جنِ ولهارَ.

—

ڦيرَ نہ ڇاڳار
لِڪا ڳُهمن لوڪَ ۾
هو جيڪي هُنڪارَ.

—

ڪاروليار ڪَڪَر،
لِڪا ڳُهمن لوڪَ ۾
جيسين برسن سَرَ.

جھڙ ڦُڙ جھورَ جھکور
لِڳا ڪُهُمَن لوڪَ ۾
هو ماڻهو جي مور.

—

سنگهارَن ٿي سوڙهه
لِڳا ڪُهُمَن لوڪَ ۾
ڀانءِ ٿہ ڪوڙهِي ڪوڙهه.

—

ڪولنگو ڏن جو ڪَسُ
لڳا ڪُهُمَن لوڪَ ۾
وٺي ناري ٿَسُ.

نارو- واهه جو نالو

ڪَٽي ڪاهِڙَ ڪٽَ

لڪا ڪهمن لوڪَ ۾

ماڳُ ڪري وِيا مٽ.

—

ڏونگرا نہ ڏارَن
اسين مُسافر اَڄ ہِہ
وَسَ نہ ولهارَن۔

—

آھيو سِجُ مٿان
اسين مسافر آڄُ ہِہ
ڏرتي ڳامي جان۔

اڳتي ڪارا آڪَ

اسين مسافر اَڄ ۾

جَهتون ڏئي جَهڪ.

—

ڪوري ۾ ڪانئا

اسين مسافر اَڄ ۾

پِٽُن ۾ پاٽا.

—

ڪالهو ڪيڏن ٿَري؟

اسين مسافر اَڄ ۾

ڪالهُه ڪُوهَه نَري.

هرڪو خواب سرابُ

اسين مسافر آهيَون

اِڪِين آرٽو آبُ.

—

ڪاهي لہ ڪَرها

اسين مسافر آهيَون

اِڪي ڪان آرها.

—

مرُون ٿانوُن ماهُه

اسين مسافر آهيَون

رِئَن ۾ راليهاهُ.

سُڄَ ۾ اهڙي سُڄَ
اسين مسافر آڄ ۾
اوتيو پيئون آڄ.

—

ڪنوٽين ڪي ڪِيڪان
اسين مسافر آڄ ۾
چَپر ڪا چانار!

—

آڙين جا آڏَر
اسين مسافر آڄ ۾
چَڏڪي چيڪ چمَر!

ٻَلر ڪا ٻالوٽَ !

اسين مسافر آڄ ۾

متان ڪاڻون موٽَ !

—

ڪاروٻار ڪَڪَرَ !

اسين مسافر آڄ ۾

ڏاڏليون ڪي ڦَرَ !

—

ڪَرها ڀيو ڪاهيان،
وَنهين ويڙهيچن ٻنا
اوجاڳيل آهيان.

—

ڪِڇيءَ ڪيڏا ڳَٽَ!
ونهين ويڙهيچن ٻنا
مون ڦوڙائي ڦٽ.

ڪنوٽيون ڪاهڙ ٻار،
وٽهين ويڙهيچن لَيءِ
ڏاڙن اُتِ ڪنوار.

—

سانجهيءَ آجهاڻا
وَٽهين ويڙهيچن جا
ويڙها ويڳاڻا.

—

هُو جي ڏرڪيءَ ڏارَ
وَٽهين ويڙهيچن جي
ٻِئي راتِ ٻچارَ.

پيڙو ڪري پاڻُ

وٽهين ويڙهيچن هنا

ماڻُ بہ کهڙو ماڻُ!

—

آيـو ڦاڳُ مٿان

گُل ٽِڙن ٿا اڳ جيان

مـان مُرجهايو هـان.

سرهَه، ٻنيون، ٻگهَه -

آيرڻ لئيءَ آئي هُئي

ڌرتيءَ ساري سَگهَه.

ڪَڻَ، وڏيرو ٻَڻُ

ٻيٺي آهي ٻَڻَ تي

هيٺ رڏونبي رَتَ.

رڏونبو – ٻاڙيءَ جو هڪ ٻڪي.

ڏيڏرُ، ڪاري رات
ڏاهَ نہ ٽن کي ڏينهن جي
سڀ کي "ٽان" "ٽان" ٽات ۔

وِڄِ نہ ايندو وِھُرُ
جتي ٻُسيءَ ڳُلڙا
آلي آبو ٻيرُ!

سيوهڻ لاهِ سِڪان
ٻُسيءَ مٿان ڪيرڙر
ڪلي ڪينن ٻچان!

○

چوندين ڪويل کي
اڄ ڪلهه پارا پوهه جا
سانوڻ کي نه سڏي!

○

ڪُوڪَڙ ٽوئون يارَ!
ڪنهن ڇنجي پيارا ڪلهن
هيرُون اهندا ڇار!

○

اوءِ آبا آڪاسَ!
تو وٽ بادل باورا
مون کي تن ۾ آسَ.

هيرون — هيرون جڏهن سڪي ويندا آهن، آنهن کي ڪوڪڙ
ڇٻو آهي. مسڪين مارو ڪوڪڙ پاڻيءَ ۾ ڌوئي
صاف ڪري کائيندا آهن ته ڊوهه ٿي ويندو اٿن.

○

آپَ ڏي آيا ٻَپَ ،

جن ليَءِ آن- اٿاٽ ۾

ٻيئي ويلا رَبَ .

○

هي ٻه نه ٻورهيت جو

هي جو ڪوئِلي ڪاٽ ٽي

سِڄ لٿي سوٽو !

○

جنهن ڪان ڏار ٽُٽو

سوئي سالو وٽ هُيو

سوئي ڪَاٽ- ڪُٽو !

○

مورک ماروئڙا
ڏِنمَ ماريءَ، موٽَ ڏي
ٻکي روئيندا !

○

ڪَنگَ چُٽي ڪُرِڙي
جلسي ۾ شاعر ڏِسي
اڄ آئي ڏُرِڙي .

○

ويري ڏنهنجي ٻڄَّ !
ڪَلر ڪيري ڪوٽَ ڪي
مٽان ٻکهن آڄَ .

○

لَنبَ ٻيو سيڪو،
دَسَ لڳا، دَرَ ٻوُريا
ٻيرِ سُتو ٻيَڪو.

○

ڀولڙيا ڀولِن
ڪونجون ڪُنڪيِ ٻاڙ ڪي
روهَہ اندر رولِن.

○

هو جي جَنِ نہ ڪَنِ
او شل ٻوَن مينهڙا
ڪونگا واهَہ ڪجن!

○

هيڏو سارو مَنبُ

تو ٻڙڇين جي چالوَ ۾

ڏڏو سجُ نہ چَنبُ.

○

ڏنگڙ تَهہ تَهہ ڪن،

اڄ نہ ڏنم وات تي

کهوٽ مٿي گهوڙن.

○

دودو کُول نہ تون!

سارو رَتُ چُهي ويئي

وَڳهہ سندي پُونَ.

ڏنگڙ – ڀِتر.

○

كارِجَا! تون كُوڙو،
كنهن ڳَل ڏيان ٻانهڙي
رَتُ رڱيان چوڙو!

○

ٻانُ نه ٻُيِن ها،
مون جا كني ڳالهڙي
سا جي سُٽين ها!

○

ماري ساري تَرِ
ٻر جي آنڊين كُونجڙِي
لمو ڳاتُ نه كَرِ!

ٻوندو نہ ڏي ٻوُن !

وري انهيءَ دوارَ تي

اچٽو آهين تُون !

اچٽو آهہ بسنت

پيارا، ڪوئل ڪُوڪَ ۾

آهہ سياري آنتُ .

ورِي مان ووڙيان !

ميڙي سِيري ڪَکڙا!

آڪيرو جــوڙيان !

○

اينڊو ڪيرُ ڪَڪن ؟

موں مَنُ جهيٽي ٻاهڙي

ٻاهر وِلَهه ٻَڪن ٠

○

ميان، ڇَڏ ماڻا !

نه ٿو ساهه سِراڻ جو

نه لوهَر ٺاڻاڻا.

○

ڪنهن لَيءِ کِهنڊُ ڳُڙيو ؟

ڇا اڄ ڪوئي ڪارڻي

سوريءَ سِڏ مُڙيو ؟

○

هي ٽنهنجي ڦاسي
ڇورا روئي ڪير؟ تو
ماءُ نہ ڪا ماسي!

○

واڄار ويـنجهارَ
ٻيهر وڄـو منگتا
هيڻـن وجهـو هارَ!

○

لِڳ لُڙيءَ ۾ ڇوڙُ
وَڪرُ اڪيچارُ، ٻـر
ٻٽڻ ٻوٻون ٻوڙُ.

○

ٻهرن تي پيئي
راتَ جلنيدي ڪيترو
ويئي ٽڙي ويئي !

○

ٻاهر آ طوفانُ
ڇَپَر ڇنيي ٿو ٻيو
آڏيءَ روشن دان .

○

جيڪس سڀ جبروت
ماَن سڪر جي سُڄَ ۾
فيض رُلي ٻيروت .

ساڻ ڏلي سون ساڪ ڊڙهين ۾،
جوڳي جيڪس ويا جبروت .        (مصري شاه)

○

شَڪرو نہ اوڳو ۔
آڏيِ کُڏيِ جِهرڪڙا!
چُڳن نٿا چوڳو.

○

ڳهاوَ جڏهن ڳهائن
اوُٽيون ٻوُٽيون ڳالهڙيون
وِيرَ نہ ورجائن.

○

کهڙا رُت ۔ ڦيرا؟
ساڳيا وَڻُ ۔ چوٽيءَ مٿان
ڳِجهُن آکيرا.

○

ڇا ڇا ٽِن جا نانوَ!
آڙري آيا ڍونڍي ٽي
اڄ ڪلهه ڪيڏا ڪانوَ!

○

ٿاڻي مٿان وِڄُ -
آڪي وردي واڙڙي
"هَٽَ ڪڙيءَ ڪان ڊڄ!"

○

آجو پاڻ نہ ٽون
ڪَنڊو ٽنهنجي قرض جو
ٽرٽي ڇپُي مـون!

○

آءُ ميانڻيءَ جَنگ
ڇا هي مُنهنجو لاش هو
هاريل هوشوءَ سنگ؟

○

ڪٿي سي ڳياڙيون ؟
وجهو وَر وڻن ۾
ڪَرڪن ڪوراڙيون!

○

ڪهڙا سفر سانگَ !
اڪيتي رڻ راڙا ڪري
ڪِرنگهن مٿان ڪانگَ!

○

پدما تي پرڀات
رُوئِي! تون نه ڇڏيوئين
مون کي آڌيءَ رات!

○

ياد آيو ڇو هاڻ
مون کي ديرادون ۾
تنها ايم. اين. راءِ!

○

سَرڻا، هي سِرَ ڌَڙَ!
وَڻيو پينگهون پَٽَ جون
لُڏُ نه اوچي ٻَڙَ!

○

ايڏو اڳـي ڪٿين
ڪاڪ ڪڪوري ڪاهڙيءَ
ڏٺـي دليا هٿين!

○

اڄ به عين ٻين
حسن بن صباح جا
ساڳيا حشيشين!

○

ڪيڏي لنبي چيخ
هي صدين جو سلسلو
هيءَ تنهنجي تاريخ!

○

ڪُنڍلِيلو ڪي مارِ
ڀوءِ ٻه ٽرڪي سچ جي
وِيٺي آ چوڌارِ.

○

ماني ۽ ارزنگُ
ڀر نہ امرتا شيرگلِ
ڇا ڇا وچونءَ ڏنگُ !

○

ساڪِي فاشي چال !
آءٌ ئہ آندري مالرو *
ٽون ناهين ڏيگال.

ماني ۽ ارزنگ - مشهور ايراني مصور.

* ڪنهن مصنف سان دوستي رکي- هـن کي چيو هو، ”سون کي پنهنجو آندري مالرو ڳهرجي.“

ٽرنيءَ جو ڪولو-
ميڪسيڪو ۾ ٽراٽسڪي
مٺو، واهولو!

ٻـاڙها ڪُـلَ ڪَهڪهڻ
جن، سي گهوٽ کهڪهيريون
تو وٽ شال اڳهن!

ڏينهن ڏتي ٻاڇو
ڪنهن ڪاريءَ ڪوراڙ جو
ڪـائـي ٿـو ڪاڇو.

ٽراٽسڪي ميڪسيڪو ۾ جلاوطن هيو جڏهن هن کي مٿي تي واهولي جا ڌڪ هڻي قتل ڪيو ويو هيو.

○

نيشو تپايان
هو بربط ڪُهسار جو
ويهي وڄايان !

○

ڪو هَلُ ٽاٽو ٽارِ،
ٽيلهه نہ ٽڪا انگڙا
ڪَرهي ڪَام نہ مارِ !

○

اڄ بہ آ ساڳيو
مون مَنُ سائرَ لهر جئن
وڇوڙي واڳيو.

○

نوري نہ پرِ تي،
سُکل مڇيءَ کاريون
رکيو کينجهرِ تي.

○

جيڏا! کهڙي جاتَ!
گهور اَنڌيرو گهوگهرا!
ڪِهرا ڪِچين ڪِاتَ!

○

لتِي ڪِجَهہ سَويرَ،
ڪٿ رَنائين ڇُنب کي
ڪِٿ رنائين پيرَ؟

○

ويرِي وَٹ ٿيام

ڏاڍا آرهڙ آسَ ۾ -

۽ پو مينهن پيام !

○

او شل ! ويڙهه وَسن

آترِ ڏکڻِ اوچتو

ڪَڪر ڪَڙڪا ڪَن !

○

واهون سڀ واريون،

ماڻهو منهنجي ڏيهه جا

پالَڻ پٽاريون .

○

ڳالهہ ڪيان ڪيهي
رئنديں رَتُ اکيں سان
ڏِسي توں ڏيهي ۰

○

ڀيليڙو ڀوليو !
ڇُپ ساڏيندَهُ ڪيتري
مُنهنڙا تہ ڪوليو !

○

ڪيڏي ڇِڪ ڇِڪان !
مِرُن ماندائا ڪيا
ماڻهن لِڪ لِڪان !

○

ڪاءِ تہ پنهنجي لاءِ
ٻيجل ٽوڪي ٻوڙيو
انڌي انيراءِ !

○

هي ڇا مائيءَ لالَ !
لَنبِ ڪنارو ٽالهريو
ڏُکيءَ جهڙي ڍالَ !

○

ڏاتِ ! اهو ڇا هي ؟
هي جو ڪَرُٽ ڪپار ۾
سدائين آهي ؟

○

پُنءِ ڪنهن لاءِ پُٽي ؟
ڪِڇهَه آڏِي ڪنهن جون نَريون
چنبن منجهه چُٽي ؟

○

او شل لڳاتار
وَسن سانوڻ مينهڙا
وليون ڪن ولهارا!

○

ڏِسُ، ڏِسُ ٻَڙپوٽِيُن
سونا ڦُل سَڳين ۾
ڇِيڙهُ نه ڪو چوٽِيُن !

جَسَ ٻنان جيئڻَ ؟
پيڳ ٽرارين وِچَ مان
آڇُ، آڇُ ڪَٽي ڪڻُ !

ڪِنهي ٽنهنجو نانءُ
ڦِران تہ ڦُرجي وڃان
مُري مَلهان آنءُ !

اهڙا ٿي جَٽجانءِ
هي جي مڙهه مقام ۾
کهنبن ۾ ڪُٽجانءِ !

اڄهو سانجهي ٿي
سوچ نہ هاڻي سوڍڙا!
گهوڙي سنجَ وجهي!

ٻرين ٻاسِ اچن
شل چوڏهَين جي ٽٽِ تي
رِڳون راس اچن!

مون ڀانيو انسانُ
چُري نہ چِيڪي ٻيو
ها، پر مُگر مانُ...

مارو وري مينهَن!
مون کئن ايڏا گهاريا
ڏوٿين بنا ڏينهَن!

کهُکهه، کهنا، گهوگهاٽَ
گهريا ٻگهڙ واڙ ۾
ٻُڏا کنهن هيڪاٽ!

ٻاڙ نه پوٺارَن
سدا ماڻهو سنِڌ جا
ٺارَن اوٺارَن.

○

لوئيءَ ساڪِي لاکَ
مُرڪي ٿي مهراڻ ٿي
راويءَ رَتِي ٻاکَ.

○

چوڏينهَن راتِ چنابُ،
ڇا ٿي وارث شاهہ جو
چندُ ڏٺي ٿو خوابُ؟

○

مان ڇا ٿو سوچان؟
تو جنهن خنجر هڻڻ ٿي
تون ٿي ته منهنجو آن!

○

ٻلا ٻلي شاهه
هي جي اڙيا اوچتو
تن کي ڏس ڪا واهه !

○

ماڏو لاڙ حسين
ڪيم تنهنجي نالو ٿي
اڄ تہ نڇاور نين .

○

جلدي جاڳ ضمير !
راکي ٻنڌن لاءِ ڪو
ڏاڍو ڪَتِ ڪبير !

○

ٻَسِ نہ ڪندين ٻڪَ !

مون وٽ اکيون سِڄَ جون

تو وٽ انڌا آڪَ !

○

ڙانو رهٽ رُڪو

ماڪُ ڪر اڃا ڏور آ

پنهنجو ٻنڌ ٻُڌو !

○

دادا او دادي !

مون اڄ لوئي انگ تي

اڄ ٻيو آزادي .

○

لوئي آڏُ نہ ڪَر!

لوئي سڄي سونهندي

سَپَ کي پاڪُرَ پَر!

○

ڇِپڙ ٿا چوندين

سَتي قابو ڪوٽَ ۾

هي ڪالونبا ڪپن!

○

مان ۾ تنهنجي تاتِ

پئي ماڪَ ملير تي

پِئي پَئُن راتِ.

○

ڏسُ، ڏِسُ هي ڏاها
ديهل ٿي پنيور آ
ها ها ها ها ...

○

نوري، او نوري!
هيءَ ڪينجهرٿي ڪير آ
لوٺِي، لنڊوُري ؟

○

ڳهلا، ساڳي ڳوٺَ!
مِٺي مَڪ ملير جي
چانگوُن چَنن اوٺ!

○

اڄ ٿائين مون ياد
هوُ جا آهي ٻمبئيءَ
منهنجي حيدرآباد ۔

○

رَتَ رَتي مون قطُ
اڄ جو باربيڊوس مان
آيو تنهنجو خط !

○

رستو ڪُهاڙو
ٽوڙي ٻنهي پاسين
ٻريزءَ جو پاڙو۔

باربيڊوس ـ (Barbados) ڪئريبين سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ؛ ڪنهن ڏيهيءَ پرڏيهيءَ جي خط ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي۔

○

سڀ ٺا ’ڪان‘ ’ڪان‘ ڪَن
ڇَڻُ ڇَڻُ ڪهڙي ڪانگ ڪي
منهنجا ٿيڻ سُجهن ؟

○

سوچو سياڻا
ڪيڏا آڏا ڪُن ۾
مَڇن مانڊاڻا !

○

ڪِن جي لاءِ لِيا ؟
ويندا ٻرڻ ۾ ٻار ڏي
ٻيڙا ٿي ٻيا !

○

اُڄ نہ مون اوڏا
ڪلهه جي ڪنڌيءَ ڪُتڪيا
تَڙن تي توڏا .

○

آيل نہ آيا ؛
ڪيڏيون ٽنواروُن ڪيون
پٽڻ پڇايا !

○

ڪهڙي ڏوهَہ ڏڪن ؟
اڄ نہ آئر ساميهان
مَنَهن مارڙيچن !

ڳُڙکو واريءَ ڍيرَ
نه هُو راهي رُڃَ جا
نه هُو مِرڳهه مٿيرا!

ڳُڙکو واريءَ ڍيرَ
نه ڪِي اوتي آئيا
نه ڪا ڇمڪي ڇيرَ!

ڪيڏي سُنَ سُونهَرَ!
نه سي راوَت روهه ۾
نه سو ٻُڪو ٻيرَ!

○

هٿ نه ٻرَنِ ٻيرُ
ڪٿ ٽاٽاريون نـاڳا
ڪَنڊيءَ هاڻي ڪيرُ؛

○

واري وڻي وِيرَ
هوءُ جي ڪنوها خواب جا
سارِ نه تن کي سيرِ!

○

هُونـدن حياڳي
موٽي ميڙاڳو ڪندا
پُنءِ تنهنجا پاڳي!

○

مَڊُ جي مائٽي کي
آڏيءَ رات آهَنئين
جي چؤواٽي تي!

○

ڪئين ڏکين وَيٺَ
هي جو لهندي سِجَ کي
ڦوڙائي جو ڦَٽُ!

○

سارُون ٿي سارُون
هُرن الله ۾ اچا
جهانگين جهونگارُون

○

ڏونگر نيٺ ڏرَن،
سڏڪن- ڏيئا سانت ۾
ٻَجهي وَڃِ ٻَرن!

○

ٻُڌان ٿو آئون
ڏئي ڏڍُ هلونگڙن،
مَٽيءَ جي ميائون!

○

ڏرٽيءَ ٻُچ کَسن
کهوڙا وکھ ڪوٽ جا
"دودا" "دودا" ڪَن!

○

دودي جا ڏاڪا
ٽينگر ٽهڪا ڪَن پيا
وڏُ ڦَڙيِ واڪا!

○

ٻُنءِ ٽي ٽا پيلين
ڳُتيون ڳُتيرن جون
چوٽا چوُڙيلين ۔

○

ڪيٽيءَ جن سان ٽيتِ
ھُڏا سي ھيڙائتا
ڪاري ڇَمر ھيتِ ۔

○

کھوُر نہ ساڪِيو کھَٽُ،
روز نہ کوريون کجَ سان
ڪاڱين ٽي ڪاھٽ !

○

وِڃ نہ ايندو وِيرُ ،
ٻُسيءَ کلن اوڏرو
مارُن سوا کيرُ !

○

اھو ڏينھن نہ ڏورُ
مڙنديون ماڪيءَ جون مکيون
اٻن ايندو ٻورُ !

○

تو جنهن سانوڻ سارَ
ڪـڙِي ڳجهي آئيا
ڪَکر ڪارونيارَ.

○

هِيرَ ڳهُلي، هاڙهو
سورج نڪري آئيو
ڳاڳين تي ڳاڙهو.

○

ٽڙي مـاهَ ميانءَ،
سانگيءِ جي سَنمڪُ ڪرين
لڙڪن هارَ وِجهانءَ!

○

ڏاڍا ڏينهن پيا
نيٺ اهاڻا ڦَليا
آخر مينهن پيا ۔

○

اِيءُ نہ راڄَن ريت
چارڻُ چاڙهي چيئِن ٿي
ڪارهون ڏيو ڪيت ۔

○

آف ! هي ڪچا ڪانهَن
آيَ ڪَہي اوڙاهہ مان
ڪَنڊيءُ ٻڪي ٻانهَن ۔

○

وَڄ، وڄ وِڙين وَٽِ
واهڙ وڇان نڪري
ٻاهر ڇِڪَ نہ ڇَٽِ!

○

هيءَ جنهن ماسَ مِڙُنِ،
ٻيءَ ڪنهن اهڙو ڏيهہ ۾
ٻنيو ٻيرَ ٻِڙُنِ؟

○

ڏولـيِ نہ ڏَهرن،
ٻانڊي ڪِن جي آسري
ڏَر انــدر ڏَهرن؟

○

ڪيڏي سُڄَ آپار
مون مَن اُئن جئن روهه ۾
ڪُونجن جي ڪُنڪارَ!

○

ڳهلڙيون ڳياڙيون !
۽ هو وڏيءَ وَسَ ۾
ڪنوڻ جون ٽاڙيون !

○

آٿَ! آٿ! لاٿيءَ ٿَڪ؟
جُوٽيون ٽارن ٽِڪڙا!
اِڪِتي اوڇو لَڪَ!

○

سدا نہ رهندِي سج

نيٺ تہ ٿيندا ڪِيرڳرَ

جِبل مٿان جُڄَ!

○

مينهُن مانڊائا

آڏيو وري اوڏڙا

پڪا پُراڻا!

○

هيءُ نہ ڪانئرُ ڪاڄُ

هي جو ريٽي رَت ۾

رَتو سارو راڄُ.

○

ڪيئن ٻَچائن ڪانگَ
وَڻ وَڻ تان 'ڪان' 'ڪان' ڪَري
هِي جي نِهرا نانگَ؟

○

ڏِسُ نہ چُريءَ چُڪَ
ڪر ڪا دُعا سنڌ ڪي
ڪَڙُ ٻاجهارا ٻُڪ!

○

ڏِسُ، ڏِسُ سِجَ لِٿي
ميندي ڇا نہ ملير جي
هنيم هٿن ڪي!

○

ٽو ٻن چاهه نہ چَسُ
سُپنا منهنجي ساهہ جا
ٽون جو هِيئِن هَسُ!

○

مون سي سيباڻا
هو جي ٽارن چانوَ ۾
پِٽَن ٽي پاڻا!

○

ماڻهو آياڻا!
اڏ لوئيءَ مون الگ ٽي
اڏ ۾ اباڻا.

○

هُو جي جوفي جا
اڄ ٽائين ڀؤلڪن پيا
ڪُتا ڪوفي جا.

○

رعد رُنو جئن ٻيءُ؛
سِرُ ڏيئي سرهو ٿيو
جبل جيڏو جيءُ.

○

ٽوسان ڪڏ آئون
جڻ ڪنهن گهايل ڪب ٽي
ڇُپر جون ڇائون.

○

سپنـــي ۾ ســاروُن
پنھوارن جي پيار جون
تَـڙن تنوارونُ.

—

سُپني ڏانگھا تَــڙ
کيئي ڪوراڙيون لُڏن
پـر تي گھاٽا ٻَــڙَ.

—

اونھا ڪِي اسرارَ
سپنو سُھڻيءَ ٻانھن جلن
چوڌاري ســيسارَ.

—

ڏــارن وچـاڻــو
سپنومومل ڪاڪ جلن،
راڻــو ئــي راڻو.

ڪڏهن سپني ۾
پکهر ڦڙا لڙڙ تي،
ڪيچين جا ڪرڪل.

—

سپني آماڙيون
ڪيڏيون ڪينجهر ڪنڌئين
آڙيون ئي آڙيون !

—

ڪِڪيءَ نہ ڪاٽيون
سُپني منجهہ سُڳنڌ ٿيون
منڇر مُهاٽيون .

—

ڏاڳا ڏوئي ٿو
سستيءَ ڪارڻ سُپنو
ٻنهون ٻوئي ٿو .

سُپني ڪارو تَڙُ
مُنڊي علادين جي
هيٺان دودي ڏڙُ.

—

○

ٻرندڙ ٽانڊي کي
سڀني ڪالهه آپاريو
منگل پانڊي کي.

—

سپنــو ديوارون
اوچيون آهن آپَ کان
ٽارَ - گهرن ٽارُون.

—

ڌرتيءَ جا ڏوڏا
سپنو ڀڳت سنگهه جا
رَسيءَ ۾ لوڏا.

منگل پانڊي – اهو سپاهي جنهن ۱۸۵۷ع جي بغاوت وقت انگريزن تي پهرين گولي هلائي هئي.

—

ڪيني ڪنڌريءَ کُلَ
ٽاري ٽارِي ٽِي ويا
سُپني ڪيسو ڦُلَ.

—

سپنو سُندر ٻَنُ
ڪيڏا واکهه وجود جا
آهي ماٿهوءَ مَنُ !

—

ٻنهي وڃائِي
سپني - ٽَنڊ ٽنبور جي
ٻلي، ٻٽائِي.

ٽيٽين ميران ٽيرو
چرخو ڪوئي چِٽ ۾
سُپني سنگ ڪبيرو!

—

ڪٽي ڀهتس مارِ!
سپني ڀيرن جي ڀٽي
ڪتيون جي ڪاپارِ.

—

سپني ڪهڙو موتُ؟
سپنو جيئڻ ڳالهڙيون
فاني ٿيندو فوت.

—

○

واويلا وڻڪارَ
وڻجارن جي واٽَ ۾
ڏنُو سِرُ ڏاتارَ .

—

واويلا وڻڪارَ
رُنا ڳهائل ڳَڏَ لَـيءِ
جبل جا جهونجهار .

—

واويلا وڻڪارَ
رات ٻُري پنيورَ مان
هوتَ هليا هالارَ.

واويلا وڏڪار
ماڻهو تنهنجي موت تي
رُنا زارون زار.

—

واويلا وڏڪارَ
تو پاتا تقدير جا
هَسَ ڪَچِيءَ ۾ هارَ.

—

واويلا وڏڪارَ
وسي پيو وَڏ ـ ڦُڙو
ڏُو ڏُو ٿي ٽوڪارَ.

—

واويلا وڏڪار
آيا آهن اوچتو
ڪڪر ڪاروڻيارَ،

واويلا وڻكارَ

اجكلهہ تنهنجي نالوَسان

بالهيارن كي ہارَ.

—

اڪيتي ٽوٽي ٽنگ
وُٺا مينهن ملير تي
وِڄن وڏا وَڳَ.

—

اڪيتي تو آڏارَ
وُٺا مينهن ملير تي
ڪَري ڪارونڀارَ.

—

ڏوٿي ڪُوندر ڪَسَ
وُٺا مينهن ملير تي
وڏي ڪَري وَسَ.

آڏن آڏاٽا
وُٺا مينهن ملير تي
ٽوٽِـي ڏاڏاٽا.

—

ڇَڀَر ۽ ڇيلا
وُٺا مينهن ملير تي
ميلا ڙي ميلا!

—

ٽاڙا ٽنوارِين
وُٺا مينهن ملير تي
جهنگل جهونگارِين.

—

آکين جي اوُجَر
وُٺا مينهن ملير تي
ٽاڪل کڻي ٽَر.

لگن نہ لنڙا
وڻا مينھن ملير تي
ٻھرائي ٻنڙا.

—

آئي ڏکڻ ھيرَ
وڻا مينھن ملير تي
ڪوَٽ، ڪڙولا، ڪيرَ ؟؟؟؟

—

○

کھڙا زهر پياڪَ !
موکيءَ کي وِهُ وات ۾
مٽان پنيءَ ماڪَ .

○

اڄُ نہ آڏاروُن
موکي ڪالهه مري وئي
ٽاسارين ٽاروُن .

○

ڏُس هي خالي مَنَ !
موکي ڪالهه مَري وئي
ڪاٿَ لکن لـا کَتَ .

○

موٽـل ســاکِي سارَ-
ڪٻي ٽيلَ ڪٽورڙيِ
سجي سُـرهـا وارَ .

○

موٽل ســان مالو !
ڪاڪ رَنِي، ڪرها رُٽا
رَسِي وٽو رالــو !

مُيي ميارون!
ٻيهر ٻرهون ڪاڪ جون
ڪنين ڪُوڪارون.

راڻا او راڻا!
چالٻوڪيءَ جا چيٽ ۾
وَستين وهاڻا!

ميهُرّ نہ ميهُرّ
واتِ نہ ساڳي ونجهلي
ٻَڪَ نہ ساڳيو ورُّ.

○

سُھٽي، ٽرينءَ ٽار
ٽوڙ ڇيو ڪنھن ٻالڪڙيءَ
“ٻَٽڙُ ٻارِ آڪار!”

○

ميھارو ميلا !
وَري چڙن چُپِ سان
ٻُرن ٿا ٻيلا !

○

ماھِي ڙي ماھي!
آڏيءَ آلي مُنڌ کي
سارَ نہ ڏي ساھي !

○

هي جي لـوڪ سُتي
لهريون لتاڙيو وڃن
آڌيءَ رات آئـي !

○

ڳـلا وارو ڪَسُ ...
لهريون ليکي ڪينڪي
رهائين جو رَسُ -

○

هِن ليءِ ايڏو ٻندُ !
سُهڻيءَ مُنهن ميهار جو
ڏِٺو، ڪـٺي ڪندُ .

○

ساهَڻ او ساهَڻ!
چانڊوڪيءَ جا چيٽ ۾
وهن لا واهَڻ!

○

ٻرنديءَ کي ٻارِين
ساهڻ منهنجي ساهه ۾
چِڙيون ڇهڪارِين.

○

تَرُ ڪ کنهن ٻَرَ تَرَّ!
سُهڻي وَري سير ۾
پِيلي مِٺي ٻَرَّ!

مِيهَرَ آهيان مان نه !
ڪڪرن وَرنديس ڪالهه
تارَ منجهان طوفانَ !

ڏُکيءَ جا دونهين
پرينءَ پر درياهه جي
ٿون آن جي سونهين؟

ڇيو هَڏَ نه ڪَن
ڪَکا پنهونءَ يار جا
سسئيءَ سَڏَ نه ڪَن !

○

ڪيڏو ڏورِ ويامِ؟
ڏِنو ٻنهونءَ ٻار ڏي
لَکَ جَهلي مون لامَ!

○

هاڻ ڪنهن کي ڪاڻِ!
آريءَ ٻنا ڳلي نہ ڳلي
وڏَرَ ۾ واڪاڻ!

○

ٻوڪِيان ٻني آئُون
ڪوهيارل توساڻُ جِي
لکِي جون لائُون.

○

اَجهو ٿي آرِي!
ڪَهندي آرهڙ آسِ ۾
ڪُڙهي ٿيس ڪارِي.

○

اَجهو ٿي آري!
آڦرا هي آرهڙ آسَ ۾
وِڏُر جي واري!

○

ٻَپَ مٿان ٻيرا
ڏُکي ڏکيان ڪيترو
ڳنهنجا کهکهيرا!

سانجهيءَ جي ويرا
ڪانون ’ڪان‘ ’ڪان‘ ٻَبَ ٿي
هاليڙ جا ٻيرا.

ڏاکهن منجهه ڏُڪيڙَ
ڪِس اڙانگا ڪهيڙ
رکو ڇَپَر ڇيڙَ!

ٽَرَ اڪيان ٻاري
واري ٿي واري
آري او آري !!!

○

سارو ڪيچ ڳُٻَت
ٻوڏ ۾ اي ٻورهيَت
وَٽُ نہ موٽڻ مَتِ!

○

ڏوڙُي ناهہ ڏٺي ،
۽ تو هِڪَ جِٽِي
ڪهڙي ڳالهہ ڳٺي؟

○

وِلـدُر وڪائي -
ڪُلهي ڦاڙل ڪنجرو
ٻوٽي ٻُرائي ・

○

آڻي آريءَ لاءِ
لَڪَ جهلي ليلاءِ
پنهنجو پنهون پاءِ!

○

لُنءَ لُنءَ ڪالڀارِي
آجهامي وئي آڳ جا
ڀاروچل ڀاري.

○

وَڙا ٽون ٿي وَلڪار
وِڻدڙ ساري سُڄ آ
ڪٿي ٽون ڪوهيارَ؟

موٽ ۾ کهڙي موٽ
آئن ڳُئن ڪيرهو
مون کي ڏونگر چوٽ !

ڪالهي هيل قطار
پريو ڏونگر چوٽ تان
لڏو ساهه نهار.

موڙ نه ميندي ڳار
سَٺُي سپ سپنو هيا
آئن لي اوتار!

○

آج نہ ٻنهونءَ ٻيچُ
هُبَ نہ سا هالارؔ ۾
کيجُ نہ ساڳو کيچُ.

○

ڪنهن کي ڏاگهن ڏاهَہ؟
وِندُر واهيرا سُتا
سُتي هر وڙاهہ.

○

کيچَ ڪُرايون ڇڏِ!
ٻنهون ايندو ٻاٽَ ٿي
وندرُ واڻيون ڇڏَ!

○

ڇا مان موٽان؟ چوڻ!
رُڪو ٻيرَ ٻنهونءَ جا
اوهي ٻهَي ڪوڻ!

○

اَڄُ ڇا اڄايون
کُٽکي کُنوالُن ڪيون
وڻدر جون وايون ؟

○

هوتَ لنگهيا هاڙهو
سِڄُ. الهيءَ ئي مرم ۾
اڄا آ ڪَاڙهو.

○

ڪوُندَرا ڪهڙو ڪَسُ ؟

اڄ مون وندُر واتَ جو

وَٽُ نہ ڏٺَن ڏَسُ !

○

ميلا ڙي ميلا !

اکين سان اوني ڏٺا

ساجهُر سُوهلا .

○

هُب نہ هاگاريون

نہ سي ڪينجهر ڪنڌين

پوريون پٽاريون .

○

جھونا ڪَڙھہ جنجارُ
نہ تو مٿو اوہرو
نہ مان مگٽھار !

○

کھوڙَن مٿي کھوٽ
ھا، ہر ڏيھہ ڏياچ جو
چِڙھين ڏئي چوٽ .

○

سُرندا سجايا
ھي جو ڏيھہ ڏياچ جو
آن ہر اجايا .

ڪنهن ڪي قلعي ڪَرَ؟
ڪوٽَ نہ ٻَسجي ڪُنگرو
نہ ڪي ٻڪيءَ ٻَرَ!

نہ سو رَنگُ نہ راهُ
ڪوٽَ نہ ٻسجي ڪُنگرو
مٿان تَتيءَ تاهُ.

ماڻهو جهڙا مَڙهَ
ڪوٽَ نہ ٻسجي ڪُنگرو
ڳاٽُ آڏاهون ڳَڙهَ.

○

سُرندي ساٽُ نہ سارَ
ڳَتِ پروڙيءَ ڳَڏَ جي
ميان مڱڻهار ؟

○

ٻيجي ماليءَ ڪَنُ
لوڪَن روئن اکيون
ٻو منهنجو مَنُ.

○

ٽوسان نہ ٽوريان
ٽوڻان ساريون مارئي
گهگهيريون گهوريان

ٻوري ڪٺن ٻَهِلي؟
مينديا ماروئڙن ٻنا
ڳُتي ٿي ڳَهِلي!

ڪارونڀار ڪَڪَر
ڪارا ڪُرا لاڙَ جا
ٻيڪُون ڪَن ٻَڪَرا!

ڪَڪر ڪارونڀار
نہ سي ٽاڙا ٽانگهہ ۾
نہ سا ٽَڙَ ٽنوارا!

○

لوڏا سارا لَٽَ،
آيل! آجُ نہ جُهليا
ڇُڪيرن تي ڇَٽَ.

○

نہ هُو ٻانهوڙا
نہ هو ڦُلن واس سان
چوڙيلين چوڙا!

○

هُنَ نہ سا هُوڏنگارَ
ٻچي وَيا ٻـوَ کان
ڇڏي ٻَٽَ ٻونهارَ

○

وَٽِ وَٽِ وِسوُڙيون
ڳاڙھن ڳائن واريون
سِڳرن سنيوُڙيون.

○

ٽڙن ٽاساريون
ڪنھن ڏي لڙن لوُھَ ۾
ڪُنڊيون ڪانگھاريون.

○

سون ڪي ٿيون مارينِ
سنگھارن جي سانگ جون
ڳالھيون ٿيون ڳارينِ.

○

عُمر توسان آنءَ ؟؟؟

وَنهين ويڙهيچن جو

توڙي واريان لانءَ !

○

کَنا کَيائُون

ماري، واري مارئي

سِگَر ۾ سائون.

○

اچا ڳاڙهي آ

ميندي کالهه ملير جي

هٿن هَنيم جا.

○

مارُو! آڱڻ مليرُ

۽ هيءَ منهنجي شاعري

جهڙو ٻاڪُ ٻنيرُ!

○

مارو! آڱڻ مليرُ

۽ هيءَ منهنجي شاعري

جهڙو آمڙ ڪيرُ.

○

مارو! آڱڻ مليرُ

مون ۾ ڪيئي مارويون

ڄڻ جي ليٽين ليرُ.

○

ڇورڻون جيئن ڇِنَن
ٽپا ڏيئي سگهڙيون،
ڇوڙيون ڇَم ڇَم ڪن!

○

جُهڪيندي جَرڪن
سنگهاريون ساڻيهه جون،
ساڻُين ٿي مَرڪن.

○

آمڙ! سيوئِي،
ڏُونرن جي ڏوئِي،
لڳن ٿي لوئِي.

آڳم ڪٿوري ڪَٽ
آئي ڪاهُڙ ٻار ڪان
ڇُڳيرن جي ڇٽ.

واري ٿي واري
هُو جي ٿڪا ٿرن ۾
ٻهون ٻيٺاري.

○

وارِيو نہ وارِيان
منڙا مِٺَ مليرَ جا
سارِيو ٿي سارِيان.

—

والِدين ۾ وِيلا
منڙا مِٺَ مليرَ جا
ڇُڇڪارين ڇيلا.

—

ڦِران مَنجهہ ڦَرن.
منڙا مِٺَ مليرَ جا
ڏسي ليڙ ڦَرن.

آلا! ٽِن جا ٽالوَ
منڙا مِٺَ ملير جا
جِٽ ڪَي ڳَڏا ڳالوَ.

—

ڳرن مٿي ڳاڪَ
منڙا مِٺَ ملير جا
جيئن هَنَنَ ماڪَ.

—

مارُن کهڙو ميرُ؟
منڙا مِٺَ ملير جا
پاڻُ نه ڳن جو پيرُ.

ميارون مارينِ
منڙا مِتَ ملير جا
مون ڏي نهارينِ.

—

هلڻي ٻيا ٻُورَ
منڙا مِتَ ملير جا
گهاٽو وِجهن گهورَ .

—

اکين آرڻي اونَ
منڙا مِتَ ملير جا
چَنن آهن چوڻ !

—

○

مون جنهن لوڪان لِڪَ
وُٺا مينهن ملير ٿي
ڇِرڪُ وجهي ٿي ڇِڪَ.

—

موٽيون ڙي موٽيون
(وُٺا مينهن ملير ٿي)
لسين جون لوٽيون.

○

وُڃڻ ڪلي وَس
وُٺا مينهن ملير تي
هَسيون ٻائي هَنس

—

ڦُرن ٽڏا ٽانوَ
وُٺا مينهن ملير تي
وانڍين منجهه وهانوَ.

—

تتي ڏينهن ڪَلوڙ
(وُٺا مينهن ملير تي)
مُور نه وسري مُورا!

—

کڙُن پيا کِھنبَ
پروھت پھچي ويا
توکي ايندي ننڊ!

ڪونجيا تَلَ تلاوَ
سارَسُ رات ڪريڙيو۔
جُڳَ جڳائتو کھاوَ.

مون تِن ھاري ڏاٽ
ھکي کھڙي ھارَ جا
پُڪيا ھني ۽ رات؟

ڪنرڙيو– آواز ڪيائين

○

هي ٻاڇاڙو ٻُهرُ
جڻ ڪو مٿيءَ سُؤنف جي
مڏ جو ماڙو ٻُهرُ !

○

ڪهڙي ناڻي جون
اشرفيون آڪاس ۾
سانجهيءَ ٽاڻي جون !

○

او ٻاهو سلطانَ !
هُو جي عشق آجاريا
ڪٿي سي انسان ؟

○

هي جو منهنجو ٿانءُ
ناهي منهنجي آرسي
ناهي منهنجو 'آنءُ'.

○

آڏي آڏاڻو
ٻڪيڙو ٻرڏيهہ جو
آپ ۾ سمائو.

○

مُيي لاءِ مَهارَ
اونداهي آڪاسَ ۾
کَتيون جي ڪاهارَ.

○

ڪيڏو پيارو مَنڊُ
مون ٻڙڇين جي ڇانوَ ۾
ڏٺو سِجُ نه چَنڊُ!

○

وَڻِ ٽڻ ڳولن ٿا
آئينو ۽ اولڙو
چاڪي ڦولن ٿا!

○

ڪوئي هڙُيو هوءِ
اکيان سِيرَ سمونڊ جي
جنهن جو انت نه ڪوءِ.

هڙيو- ٻيڙي

وڃي لوڪ لڏيو
ميان هي مانڊاڻ ڪو
ڪنهن جي لاءِ آڏيو؟

هَڏا ڪوليا هَــرُ،
ڇا ڪنهن چورَ چڪار جا
يا ڪنهن سوداگرَ؟

سانتِ وسي سنسار
منهنجو من موهي ويون
ڪَتيون جي ڪاپارَ!

# شيخ اياز جا نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل ڪتاب


چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)

رڻ تي رِم جهم (شاعري)

ساهيوال جيل جي ڊائري

ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

ڪپر ٿو ڪُن ڪري (شاعري)

ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)

خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 1)

راج- گهاٽ تي چنڊ (شاعري)

لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)

ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي (شاعري)

اَڪن نيرا ڦليا (شاعري)

ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون

ڀونر ڀري آڪاس (شاعري)

جهُڙ نيٽان نه لهي (شاعري)

وڄون وسڻ آئيون (شاعري)

ڀنڀل ڪان ڀوءِ (نثر)

جڳ مڙيوئي سپنو (شاعري)

اُبر چنڊ پس پرين (شاعري)

پنڌ ٿو پور ڪري (شاعري)

هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)

خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 2)

ٽڪرا ٽٽل صليب جا (شاعري)

واٽون ڦلن ڇانئيون (شاعري)

الوداعي گيت (شاعري)

ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن-1 (شاعري)

ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن-2 (شاعري)

ننڊ وليون (شاعري)

سَر لوهيڙا ڳِپيا (شاعري)

سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)

جَر- ڏيئا جهمڪن (شاعري)

هرڻ اکي ڪيڏانهن (شاعري)

ڪٿي نه ڀڄبو ٿڪ مسافر(آتم ڪهاڻي)

چنڊ ڳليون (شاعري)

گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾(شاعري)


ڪٿي نه ڀڄبو ٿڪ مسافر(آتم ڪهاڻي)


ڪونجون ڪرڪن روهه تي (شاعري)

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط)


ڪونجون ڪرڪن روهه تي (شاعري)

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي


پن ڇڻ پڇاڙان (شاعري)

ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)